جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاهه

جلد 17 | چنڇر 24 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 12 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 13

وزيراعظم پاران ڪڻڪ جي في مڻ جي قيمت 4500 رپيا مقرر

وزيراعظم شهباز شريف پيداواري لاڳت ۾ اضافي جي ڏس ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ڪڻڪ جي قيمت ۾ 1000 رپيا في مڻ اضافو ڪندي ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت 4500 رپيا في مڻ مقرر ڪري ڇڏي

وزيراعظم ملڪي زرعي شعبي جي فروغ، آبادگارن جي معاشي مفادن جي تحفظ ۽ ايندڙ سال ڪڻڪ جي پيداوار ۾ اضافي جي لاءِ وڏو فيصلو ڪندي سال 2027ع جي ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت 4500 رپيا في مڻ مقرر ڪئي

مشاورتي عمل ۾ تعاون ۽ قابل قدر تجويزون پيش ڪرڻ تي پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جا خصوصي ٿورا ادا ڪندي وزيراعظم سندس ان مشاورتي عمل ۾ ڪردار جي واکاڻ ڪئي

حڪومت پاران ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت ۾ اضافي جو مقصد آبادگارن کي وڌندڙ پيداواري لاڳت، پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي ۽ مهانگائي جي دٻاءُ کان رليف فراهم ڪرڻ آهي

آبادگارن کي ڪڻڪ جي پوکيءَ جي لاءِ موثر ترغيب ڏيڻ فيصلي جي اولين مقصدن ۾ شامل آهي، اميد آهي ته نئين تجويز ڪيل قيمت سان آبادگارن کي پنهنجي پيداواري لاڳت پوري ڪرڻ ۽ مناسب منافعو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي

گذريل سالن دوران آبادگارن کي مهانگائي ۽ زرعي خرچن ۾ اضافي جي ڪري مالي مشڪلاتون کي منهن ڏيڻو پيو پاڪستان کي گذريل ٻن سالن ۾ ڪڻڪ جي درآمد پڻ ڪرڻي پئي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف پيداواري لاڳت ۾ اضافي جي ڏس ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ڪڻڪ جي قيمت ۾ 1000 رپيا في مڻ اضافو ڪندي ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت 4500 رپيا في مڻ مقرر ڪري ڇڏي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم ملڪي زرعي شعبي جي فروغ، آبادگارن جي معاشي مفادن جي تحفظ ۽ ايندڙ سال ڪڻڪ جي پيداوار ۾ اضافي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

عوام جي حمايت سان دهشتگردن ۽ سندن ورغلائيندڙ نظريي کي شڪست ڏينداسين: فيلڊ مارشل

فيلڊ مارشل عاصم منير پشاور ۾ ڪور هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو، جتي کيس خيبر پختونخواهه جي سيڪيورٽي صورتحال، دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين ۽ سرحدي انتظامن بابت بريفنگ ڏني وئي

ان موقعي تي صوبي ۾ مقرر فوجي فارميشنز جي آپريشنل تيارين بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو فيلڊ مارشل دهشتگرديءَ جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اعليٰ سطحي آپريشنل تياري برقرار رکڻ ۽ مسلسل چوڪس رهڻ جي هدايت

هن آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي ۽ پيشيوراڻي مهارت کي به ساراهيو , عوام جي حمايت سان پاڪستان دهشتگردن ۽ سندن گمراهه ڪندڙ نظريي کي مڪمل شڪست ڏيندو

دهشتگرد جتي به هوندا، انهن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ پارٽي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف آپريشن پوري شدت سان جاري رهندا

چيئرمين آف ڊفينس فورسز پاڪستاني عوام، شهيدن ۽ سيڪيورٽي فورسز جي غازين جي قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي

پارٽي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف ڪارروائيون پوري شدت سان جاري رکيون وينديون

راولپنڊي (م د) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته پارٽي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف ڪارروائيون پوري شدت سان جاري رکيون وينديون. پاڪ فوج جي سڏ سماءَ واري ڪاتي آءِ ايس پي آر موجب، فيلڊ مارشل عاصم منير پشاور ۾ ڪور هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو جتي کيس خيبر پختونخواهه جي سيڪيورٽي صورتحال، دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين ۽ سرحدي انتظامن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

پشاور: فيلڊ مارشل عاصم منير پشاور جي ڪور هيڊ ڪوارٽرز جي دوري دوران جوانن سان گڏ ويٺل آهي

وزيراعظم شهباز شريف سان آزاد ڪشمير جي صدر جي ملاقات

ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد جي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ

غيرجانبدارانڻي ريفرنڊم جي ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ تائين ڪشميري عوام جي حمايت جاري رکندو

عوام جي زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ جي لاءِ وفاقي حڪومت پاران هر ممڪن تعاون فراهم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق ڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

بلاول چئي چڪو آهي ته ڪي پي ۾ ايمرجنسي لڳائڻ مجبوري هئي: شازيا مري

جڏهن وڏو وزير وفاق سان جنگ ڪرڻ جي تياري ڪري ته پوءِ ڪيس حڪومت ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟

جڏهن وڏو وزير وفاق سان جنگ ڪرڻ جي تياري ڪري ته پوءِ ڪيس حڪومت ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟

سانگهڙ (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي شازيا مري چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري چئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

سانگهڙ: پ پ اڳواڻ شازيه مري عورت کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

بلوچستان ۾ نوان صوبا ضروري آهن: سرفراز بگٽي

بلوچستان ۾ نون صوبن سان گڏ ننڍا ڊويزن ۽ ضلعا ٺاهڻ جي به ضرورت آهي. اتر ديرا بگٽي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي چيو آهي ته عوام کي سندن درن تي سرڪاري ادارن جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ننڍيا انتظ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

صدر زرداري سان جرمن صدر جي ملاقات، پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي جامع انداز ۾ سگهه ڏيڻ تي زور

صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ موجوده سياسي، اقتصادي ۽ دفاعي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ دستياب امڪانن مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو

هن معيشت ۽ واپار، جديد ٽيڪنالاجيز، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، هنرمندي جي فروغ ۽ عوامي ۽ ثقافتي ناتن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي اهميت اجاگر ڪئي

برلن ۾ جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر سان ملاقات دوران ڪيو. صدر آصف علي زرداري جرمن صدر جا دوري جي دعوت ڏيڻ ۽ پنهنجي وفد جي شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورا ادا ڪيا

برلن (م د) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ موجوده سياسي، اقتصادي ۽ دفاعي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ دستياب امڪانن مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. هن معيشت ۽ واپار، جديد ٽيڪنالاجيز، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، هنرمندي جي فروغ ۽ عوام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

فورسز سان گڏ نه بيهندڙ سياسي جماعت ختم ٿي ويندي: راڻا

جيڪا به سياسي جماعت سچائيءَ ۽ خلوص سان سيڪيورٽي فورسز سان گڏ نه بيهندي، اها سياسي طور ختم ٿي ويندي

خيبرپختونخوا جي گورنر 160 ارب رپين جي گهر ڪئي هئي، جنهن جي وزيراعظم فوري طور منظوري ڏئي ڇڏي

خيبرپختونخوا مان دهشتگرديءَ جو خاتمو ڪيو ويندو، جاڪاڻ ته دهشتگردي ختم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار سينيٽر راڻا ثناءالله چيو آهي ته جيڪا به سياسي جماعت سچائيءَ ۽ خلوص سان سيڪيورٽي فورسز سان گڏ نه بيهندي، اها سياسي طور ختم ٿي ويندي. هڪ خانگي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

پ پ سنڌ جي ورهاڱي جي مخالف آهي ته وفاقي حڪومت جي اتحادي ڇو آهي؟ اياز لطيف

هڪ ڌر انتظامي يونٽ ٺاهڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، ٻي حمايت ڪري ٿي ته ٽين وري مخالفت ڪري ٿي

جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي يا سنڌ حڪومت سنڌ جي ورهاڱي جي مخالف آهي ته پوءِ وفاق ۽ سينيٽ ۾ وفاقي حڪومت سان گڏ ڇو آهي

پيپلز پارٽي وٽ اڪثريت ناهي ته پوءِ ان وٽ عهدا ڇو آهن؟ هن الزام هنيو ته 28هين ترميم آڻڻ لاءِ سوديبازي ڪئي وئي آهي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته حڪومتي اتحاد ۾ ڇڪتاڻ جاري آهي. هڪ ڌر انتظامي يونٽ ٺاهڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، ٻي حمايت ڪري ٿي ته ٽين وري مخالفت ڪري ٿي. اياز لطيف پليجي سوال اٿاريو ته جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي يا سنڌ حڪومت سنڌ جي ورهاڱي جي مخالف آهي ته پوءِ وفاق ۽ سينيٽ ۾ وفاقي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ حڪومت راندين جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيندي وڏي سيڙپڪاري ڪئي آهي: صوبائي وزير

سنڌ حڪومت راندين جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيندي وڏي سيڙپڪاري ڪئي آهي، پر جيترو ڪم ڪيو ويو آهي، ان کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

جاڪاڻ ته راندين ذريعي نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا

ڪراچي جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيل "لوڪ سهائتا 54هين قومي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ 2026ع جي افتتاحي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻي هئي، پر پرڏيهي دوري تي وڃڻ سبب هن اها ذميواري کيس سونپي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته سنڌ حڪومت راندين جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيندي وڏي سيڙپڪاري ڪئي آهي، پر جيترو ڪم ڪيو ويو آهي، ان کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

پي ٽي آءِ قيدي ڪيس ۾ پرڏيهي سيڪريٽري کي توهين عدالت جو نوٽيس

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ خميس ڏينهن گڏيل عرب امارتن (يو اي اي) ۾ قيد پي ٽي آءِ س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

گجرات: "تدفين روڪيو آخري ديدار ڪندس" جو ڊرامو، وڏو ڀاءُ ننڍي ڀاءُ جو قاتل نڪتو

گجرات (م د) گجرات ۾ پرڏيهه مان آيل ڀاءُ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

سنڌ جي ورهاڱي تي عوام ۾ ڪيتري ڪاوڙ آهي، اسلام آباد کي اندازو ئي ناهي: بئريسٽر ضمير گهمرو

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ سينيٽر ضمير گهمري چيو آهي ته پارل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: قائم مقام گورنر سنڌ سيد اويس قادر شاهه ۽ سعيد غني تعزيت ڪندي

وقتي گورنر سنڌ پاران ايم پي اي محمد آصف موسيٰ سان تعزيت، مرحومن جي مغفرت لاءِ دعا

چاچي مرحوم اسماعيل سمون ۽ نوجوان ڀائيٽجي مرحوم ادريس غني جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو

ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر اڳواڻ ۽ سنڌ جو صوبائي وزير سعيد غني پڻ موجود هو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وقتي گورنر سيد اويس قادر شاهه پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر محمد آصف موسيٰ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

تبت ۾ 7 جي شدت جو زلزلو، 16 فوت، 300 گهر تباهه، بجلي بند، ريسڪيو ٽيمون روانيون

اختيارين هنگامي حالت جو اعلان ڪندي متاثر علائقي ۾ امدادي ٽيمون موڪلي ڇڏيون آهن، جتي 65 ڄڻا زخمي ٿيا آهن

تبت بابت معلومات جو اڪثر واحد ذريعو چين جي سرڪاري ميڊيا هوندي آهي

جاڪاڻ ته 1950ع واري ڏهاڪي ۾ تبت کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ کان پوءِ چين اتي سخت ڪنٽرول برقرار رکيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) تبت جي هڪ جابلو علائقي ۾ 7.0 شدت جو زلزلو آيو، جنهن جي گهرائي 10 ڪلوميٽر هئي. زلزلي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 16 ڄڻا فوت ٿي ويا. اختيارين هنگامي حالت جو اعلان ڪندي متاثر علائقي ۾ امدادي ٽيمون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

جعلي ڊگريون جمع ڪرائي استاد بڻجندڙ خلاف ڪارروائي جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) لاڙڪاڻي ريجن ۾ جعلي ڊگري سرٽيفڪيٽن جي بنياد تي ايليمينٽري اسڪول ٽيچرز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

نائب وزيراعظم جي جرمن پرڏيهي وزير سان ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار

استنبول (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ جرمن پرڏيهي وزير يوهان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب22

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران تي جلد ٻيهر حملو ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو

آمريڪا ايران کي سخت نقصان پهچايو آهي ۽ ممڪن آهي ته وڌيڪ ڪارروائي پڻ ڪئي وڃي: ٽرمپ

هڪ لحاظ کان ماڻهو ان ڳالهه کي پسند ڪن ٿا، جاڪاڻ ته هو اهو ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو ٻين صدرن کي ڪرڻ گهرجي ها

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

حوثي حملي جي دعويٰ، ڀارتي سفارتخاني 14 شهرين جي محفوظ هجڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

يمن جي اولهه واري شهر الحديده ۾ ڀارتي شهري موجود آهن. اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي

22 آڪٽوبر تي جبل زقر بيٽ ۾ ڀارتي سان هڪ ٻيڙيءَ تي حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ 14 ڀارتي شهري سوار هئا

صنعا (م د) يمن ۾ ڀارتي سفارتخاني تصديق ڪئي آهي ته ڳاڙهي سمنڊ ۾ مبينا حملي جو شڪار ٿيل ٻيڙيءَ ۾ سوار 14 ڀارتي شهري محفوظ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اوٿل ڀرسان مسافرن ۽ ڪوچ ۾ خوفناڪ ٽڪر، 12 ڄڻا اجل جو شڪار، ڪيئي زخمي

اوٿل (م د) بلوچستان جي شهر اوٿل ڀرسان ڪراچي-ڪوئيٽا قومي شاهراهه تي زيرو پوائنٽ وٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

صوبي جي عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ واري عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن: آصف زرداري

صدر مملڪت دهشتگرديءَ جي واقعي ۾ هڪ شهري جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

بلوچستان جي امن ۽ استحڪام خلاف سازشون صوبي جي عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي عزم کي متزلزل نٿيون ڪري سگهن

ڪراچي (رپورٽر) صدر مملڪت آصف علي زرداري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: وفاقي وزير رانا تنوير حسين ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

گوادر ۾ دهشتگرديءَ جي ڪوشش ناڪام، سيڪيورٽي فورسز هٿان عورت سوڌو 10 دهشتگرد ماريا ويا

سيڪيورٽي فورسز رياست جي عملداري کي ڪمزور ڪرڻ جون سندن ڪوششون ناڪام بڻائي ڇڏيون

دهشتگردن گوادر ضلعي جي گبد باربر ڪراسنگ ۽ گوادر شهر جي مختلف علائقن ۾ دهشتگرد ڪارروايون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ بدامني ڦهلائڻ ۾ ڀارت جي مبينا ڪردار کي اجاگر ڪرڻ آهي

راولپنڊي (م د) آءِ ايس پي آر جمعي ڏينهن چيو آهي ته بلوچستان جي ضلعي گوادر ۾ مختلف جهڙپن دوران ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم 10 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز رياست جي عملداري کي ڪمزور ڪرڻ جون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

حافظ نعيم سياسي پريشانيءَ جو شڪار آهي: سعديه جاويد

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ منافقت ۽ ڪوڙ جي سياست کي دفن ڪري ڇڏيو آهي

جماعت اسلامي ڪالهه تائين سنڌ حڪومت تي ٽائونز کي فنڊ نه ڏيڻ جا الزام لڳائيندي هئي

پر اڄ سنڌ حڪومت پاران فراهم ڪيل وسيلن سان مڪمل ٿيل منصوبن جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جماعت اسلاميءَ جي امير حافظ نعيم الرحمٰن جي بيان تي ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته حافظ نعيم الرحمٰن سياسي پريشانيءَ جو شڪار آهن. سعديه جاويد پنهنجي بيان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪندڙ جماعتون سنڌ سان سنجيدا ناهن: نثار کهڙو

مولانا فضل الرحمان هڪ تجربيڪار سياسي اڳواڻ آهي، جنهن ڪڏهن به دهشتگردن جي حمايت ناهي ڪئي

ملڪ ۾ ماضيءَ ۾ به گورنر راڄ لاڳو ٿيندا رهيا آهن، آئين ۾ لکيل آهي ته صورتحال خراب ٿيڻ جي صورت ۾ اهڙا قدم کنيا وڃي سگهن ٿا

ان موقعي تي اڳوڻي ڪرڪيٽر سليم يوسف جي نياڻي ايمن سليم به پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

قادر مگسي جي قومي ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪندڙ جماعتون سنڌ جي مسئلن بابت سنجيده ناهن. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر ۽ سينيئر سياستدان نثار کهڙي چيو آهي ته قادر مگسي جي قومي ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪندڙ جماعتون سنڌ جي مسئلن بابت سنجيده ناهن. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪندي

سکر ۾ نياز بگٽي قتل ڪيس جو مک جوابدار مارجي ويو

سکر (بيورو) سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد پير مسافر رنگ روڊ ويجهو پوليس ۽ هٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

نوشهروفيروز، روڊ حادثو، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ۾ قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو جڏهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

سنڌ ۾ عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي: علامه راشد محمود سومرو

ماني، ڪپڙي ۽ اجهي جا دعويدار حڪمران عوام کان عزت سان زندگي گذارڻ جو حق ۽ ٻن ويلن جي ماني به کسي چڪا آهن

مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ حڪومتي نااهلي عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي

جيڪب آباد (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ ۾ عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

انسولين ڪانپوءِ ٻئي اهم سُئي به اڻلڀ، خاص ڪري وڏي عمر جا مريض پريشان

لاهور (م د) لاهور ۾ انسولين کان پوءِ انفلوئنزا کان بچاءَ جي سُئي به اڻلڀ ٿي وئي. طبي دڪاندا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسٽاڪ ايڪسچينج جي ٻاڙائي سان شروعات

اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 600 کان وڌيڪ پوائنٽس گهٽجڻ ڪانپوءِ هڪ لک 63 هزار 262 پوائنٽس جي سطح تي اچي ويو

گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي به اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مندي رهي هئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن ڪاروبار جي شروعات ٻاڙائيءَ سان ٿي ۽ 600 کان وڌيڪ پوائنٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪراچي ۾ 30 ورهين جي عورت قتل

مقتولا جي سڃاڻپ سويرا جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جنهن جو لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

عورت پنهنجي ٻن ٻارن ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏ رهندي هئي

ڪراچي (رپورٽر): ڪراچيءَ جي علائقي لياقت آباد نمبر 10 ويجهو گهر اندر تيز ڌار واري اوزار جا وار ڪري 30 ورهين جي عورت کي قتل ڪيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

آن لائن نيٽ ورڪ ۾ قاتل 13 ورهين جي نينگري بازياب

نينگريءَ کي مبينا طور ڊارڪ ويب سان لاڳاپيل هڪ گروهه طرفان مختلف ٽاسڪ ڏنا پئي ويا

اداري جي دعويٰ موجب پهرين ٽاسڪ ۾ نينگريءَ کان ٻليءَ کي زهر ڏئي مارايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ ۾ هڪ بين الاقوامي ڳجهي اداري جي اطلاع تي نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

لسبيله ۾ بس ۽ وين جو ٽڪر، 12 ڄڻا فوت

حادثو لسبيله جي اوٿل زيرو پوائنٽ وٽ پيش آيو، فوتين ۾ 3 عورتون پڻ شامل آهن

مسافر بس گوادر کان ڪراچي وڃي رهي هئي، جڏهن ته مني وين ڪراچي کان لسبيله ڏانهن وڃي رهي هئي

لسبيله (م د) اوٿل زيرو پوائنٽ وٽ مسافر بس ۽ مني وين وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 12 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 20 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

حيدر آباد بورڊ جو ڊپٽي ڪنٽرولر اعجاز علي معطل

محمد اسماعيل راهو ٽاپ سيڪريٽ برانچ جي ڊپٽي ڪنٽرولر اعجاز علي ڪاڪا کي معطل ڪري ڇڏيو

معاملي جي شفاف جاچ لاءِ ٽن ميمبرن تي مشتمل انڪوائري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت سوشل ميڊيا تي سامهون ايندڙ عوامي شڪايتن تي حيدرآباد تعليمي بورڊ جي انٽرميڊيٽ پارٽ ٽو جي نتيج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: لياري ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ جي ڪري شهري ايل پي جي گيس خريد ڪرڻ جي لائين ۾ بيٺل آهن

ميررضا قتل ڪيس جي اهم ٽائيم لائين ۽ حل طلب سوال

سوشل ميڊيا اڪائونٽن جو اوچتو غائب ٿي وڃڻ ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي رڪارڊنگ، جنهن مان آخرڪار ڪو به پتو نه پيو پوي

ميررضا علي جي زندگيءَ جا آخري 5 ڪلاڪ ۽ 14 منٽ ڪيترن ئي اڻسلجهيل واقعن سان ڀريل آهن

موبائل فون جي فرانزڪ جاچ ذريعي 28 جولاءِ تي گم ٿيڻ کان اڳ وارن ڪلاڪن ۾ سندس اچ وڃ ۽ رابطن جي تفصيلن کي گڏ ڪري هڪ ٽائيم لائين تيار ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) رات دير سان فون ڪالن جو سلسلو، 3 ڪروڙ رپيا گهرڻ وارو واٽس ايپ پيغام، سوشل ميڊيا اڪائونٽن جو اوچتو غائب ٿي وڃڻ ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي رڪارڊنگ، جنهن مان آخرڪار ڪو به پتو نه پيو پوي؛ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي
ڇنڇر 24 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 12 جمادي الاول 1448ھ

گل پلازا سانحو ۽ ذميوارن جي جوابدهي

ڪراچي جي گل پلازا سانحي ۾ ڪيترين ئي قيمتي جانين جي ضايع ٿيڻ ۽ واپارين کي وڏو معاشي نقصان پهچڻ ڪانپوءِ عدالت ۾ جاري ڪارروائي ڪيترائي اهم سوال اٿاري رهي آهي. دڪاندار شاهد پاٽي واري عدالت ۾ بيان ڏيندي دعويٰ ڪئي آهي تہ گل پلازا ۾ باهہ کان بچاءَ جا مناسب انتظام موجود نہ هئا، فائر الارم لڳل نہ هئا ۽ باهہ ڀڙڪڻ دوران ماڻهن کي بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم نہ کنيا ويا. گواهہ موجب، جيڪڏهن بروقت ڪوششون ڪيون وڃن ها تہ ڪيترين ئي حياتين کي بچائي سگهجي پيو. اهي الزام سنجيده آهن، جن جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ غيرجانبدار جاچ ۽ سمورن ثبوتن جو جائزو ضروري آهي.

ڪنهن بہ وڏي واپاري مرڪز ۾ باهہ کان بچاءَ جو نظام رڳو قانوني گهرج نہ، پر انساني جانين جي حفاظت جو بنيادي ذريعو هوندو آهي. فائر الارم، باهہ وسائڻ جا اوزار، کليل هنگامي رستا ۽ محفوظ ڏاڪڻيون ماڻهن کي حادثي جي وقت محفوظ هنڌ تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. گل پلازا جي دروازن بابت بہ عدالت ۾ سوال سامهون آيا آهن، جڏهن تہ حفاظتي رپورٽن جي نوعيت ۽ صداقت تي پڻ اختلاف ظاهر ڪيا ويا آهن. ان ڪري ضروري آهي تہ عمارت جي بناوت، دروازن، ڏاڪڻين، باهہ جي ڀڙڪڻ جي سببن ۽ حفاظتي انتظامن جي مڪمل فني جاچ ڪرائي وڃي، جيئن واقعي جا اصل سبب سامهون اچي سگهن.

هن سانحي ۾ رڳو عمارت جي انتظاميا جي ذميواريءَ جو تعين ڪافي نہ هوندو، پر اهو پڻ ڏسڻ گهرجي تہ لاڳاپيل سرڪاري ادارن پنهنجي نگرانيءَ جا فرض ڪيتري حد تائين پورا ڪيا. جيڪڏهن عمارت ۾ حفاظتي خاميون موجود هيون تہ انهن جي نشاندهي ڪنهن ڪئي؟ ڇا انتظاميا کي سڌارن لاءِ هدايتون ڏنيون ويون هيون؟ ۽ جيڪڏهن قانوني گهرجن تي عمل نہ ٿيو تہ ذميوارن خلاف ڪهڙا قدم کنيا ويا؟ انهن سوالن جا جواب ملڻ ضروري آهن، ڇاڪاڻ تہ عمارتن جي حفاظت بابت لاپرواهيءَ جا نتيجا رڳو مالي نقصان تائين محدود نٿا رهن، پر انساني حياتين جي ضايع ٿيڻ جو سبب بہ بڻجي سگهن ٿا.

عدالت ۾ گواهہ جي ڪاروبار، دڪانن جي ملڪيت، نقصان جي ڪليم ۽ ذاتي اختلافن بابت پڻ آڏي پڇا ٿي آهي. انهن معاملن کي قانوني طريقي سان پرکڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت سانحي جي بنيادي سببن ۽ حفاظتي انتظامن بابت سوالن کي نظرانداز نہ ڪيو وڃي. گواهہ جي بيان ۾ ڪنهن تضاد يا ڪمزوريءَ جي نشاندهي ٿئي تہ ان کي ثبوتن جي بنياد تي جانچيو وڃي، جڏهن تہ ڪنهن بہ ڌر تي لڳايل الزام کي بہ تصديق کانسواءِ حتمي حقيقت نہ سمجهيو وڃي. انصاف جو تقاضو آهي تہ سمورن ڌرين کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ملي ۽ ذميواريءَ جو تعين قانون ۽ ثبوتن مطابق ٿئي.

گل پلازا جي عمارت جو ملبو هٽائڻ لاءِ پراسيڪيوشن جي درخواست تي عدالت فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. ملبو هٽائڻ سان عوام کي پيش ايندڙ تڪليفن ۽ ماحولياتي آلودگيءَ ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي، پر ان کان اڳ جاچ لاءِ ضروري ثبوت، تصويرون، فني نمونا ۽ لاڳاپيل رڪارڊ محفوظ ڪرڻ بہ لازمي آهي. جيڪڏهن ملبي ۾ واقعي جي سببن بابت اهم شاهدي موجود هجي تہ ان جي حفاظت کانسواءِ ملبو هٽائڻ سان جاچ متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري اهڙو قدم کڻڻ گهرجي، جنهن سان عوامي مسئلن جو حل بہ نڪري ۽ انصاف لاءِ ضروري شاهدي بہ محفوظ رهي.

ٻئي طرف، سانحي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جا وارث پنهنجي پيارن جي وڇوڙي جو ڏک برداشت ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ ڪيترن ئي واپارين جو روزگار ۽ جمع پونجي بہ تباهہ ٿي وئي. حڪومت جي ذميواري آهي تہ متاثرن جي نقصان جو شفاف جائزو وٺي، حقدارن جي سڃاڻپ ڪري ۽ امداد جي ورڇ ۾ ڪنهن بہ قسم جي بي ضابطگيءَ کان پاسو ڪري. جيڪڏهن گل پلازا جي ٻيهر تعمير لاءِ رقم مختص ڪئي وئي آهي تہ ان جي استعمال ۽ ادائيگين بابت بہ شفافيت يقيني بڻائي وڃي، جيئن حقيقي متاثرن کي سندن حق ملي سگهي.

گل پلازا سانحو اسان جي شهري انتظام ۽ حفاظتي نظام لاءِ هڪ وڏو سبق آهي. سنڌ حڪومت، مڪاني ادارن، فائر برگيڊ ۽ سول ڊفينس کي گهرجي تہ وڏين بازارن، شاپنگ پلازن، گودامن ۽ گهڻ ماڙ عمارتن جي حفاظتي انتظامن جو جامع جائزو وٺن. جتي فائر الارم، باهہ وسائڻ جا اوزار يا هنگامي نڪرڻ جا رستا غيرفعال يا غيرمحفوظ هجن، اتي ترت سڌارا آندا وڃن. عمارتن جي باقاعده جاچ، حفاظتي رپورٽن جي تصديق ۽ ضابطن تي عملدرآمد لاءِ مستقل نظام قائم ڪيو وڃي، جڏهن تہ غفلت ثابت ٿيڻ تي لاڳاپيل ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

گل پلازا سانحي جي ڪيس ۾ عوام جي اميد آهي تہ جاچ ۽ عدالتي ڪارروائي ذريعي حقيقتون سامهون اينديون، متاثر خاندانن کي انصاف ملندو ۽ ذميوارن جو تعين ثبوتن جي بنياد تي ڪيو ويندو. فوت ٿيل ماڻهن جون زندگيون واپس نٿيون آڻي سگهجن، پر شفاف جاچ، منصفاڻي انصاف ۽ حفاظتي ضابطن تي سخت عملدرآمد سان مستقبل ۾ اهڙن حادثن کي روڪي سگهجي ٿو. حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي تہ هن سانحي کي رڳو هڪ عدالتي ڪيس تائين محدود نہ رکن، پر ان مان سبق حاصل ڪري عملي قدم کڻن، ڇو تہ انساني جانين جي حفاظت هر اداري ۽ انتظاميا جي بنيادي ذميواري آهي.

فيض سنڌي هڪ متحرڪ ڪردار

تحرير حنيف نوهڙيو

فيض سنڌي (ڳوٺ الهبخش لاشاري، تعلقو گهوڙاٻاري، ضلعو ٺٽو).

اڄ بہ اکر هڪ اهڙي شخصيت لاءِ لکي رهيو آهيان، جنهن جو ادبي، سياسي، صحافتي، قومي قد ڪافي وڏو آهي، آئون سندس باري ۾ ڪجہ اکر لکڻ کان پهرين واضح ۽ اعتراف ٿو ڪريان تہ " فيض سنڌي صاحب تنهنجو بلوچ هوندي بہ پاڻ کي فخر سان فيض سنڌي سڏائڻ هڪ اهڙو سنڌ ڌرتيءَ تي ٿورو آهي، جنهن جو قرض ڪير لاهي نٿو سگهي"

فيض سنڌي ولد الهبخش لاشاري مورخہ 12 فيبروري 1965 تي ڳوٺ الهبخش لاشاري، لڳ ڳاڙهو شهر ۾ پيدا ٿيا پرائمري پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا، مئٽرڪ هائي اسڪول ميرپور ساڪرو مان پاس ڪيائون ۽ انٽر ڊگري ڪاليج ٺٽي مان مڪمل ڪيائون

سندس ادبي، سياسي، فلاحي ۽ صحافتي ڪمن جي لسٽ وڏي آهي، جنهن جو تفصيل پنهنجي ڪتاب ۾ پيش ڪندس، البت مختصر نموني طور هتي فقط ضروري وچور پيش ڪريان ٿو

1977 کان سياست جي شروعات ڪري عوامي تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪيائين، عوامي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين ۽ اڃان تائين ڪندو اچي، 3 دفعا تعلقي گهوڙٻاريءَ جو صدر ۽ هڪ دفعو ضلعي جو نائب صدر رهيو ٽي دفعا جيل ڪاٽيائين هڪ دفعو پندرنهن ڏينهن جيل ۾ رهيو، ٻيو دفعو ماستر هجڻ ڪري چوويہ ڪلاڪن کان پوءِ آزاد ٿيو، ٽيو دفعو چار ڏينهن جيل ۾ رهيو پاڻ اڃان تائين عوامي تحريڪ سان نڀاهيندو اچي

1983 ۾ شاعريءَ جي شروعات جيل ۾ مشهور اديب جناب يوسف سنڌي صاحب سان ملڻ ڪانپوءِ ڪيائين، جناب يوسف سنڌي صاحب جيل ۾ ساڻس گڏ هو

1990 کان صحافت جي شروعات ڪيائين، پهرين پڪار اخبار، هلال پاڪستان ۽ ڪافي سارين اخبارن ۾ مضمون لکيائين ۽ 1996 ۾ عبرت اخبار جو نمائندو ٿيو سندس مضمون "پلئہ پايو سچ" جي عنوان سان ڇپجندا رهيا آهن

1990 ۾ پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو ڳاڙهي ۾ بنياد رکيائين ۽ پهريون سيڪيٽري بنيو، ان ئي پليٽ فارم تان بہ سنڌي ماهوار رسالا، هڪ نالي "حقيقت" ۽ ٻيو "دنگي منجہ درياءُ" جاري ڪيائين جن جا صرف 6 شمارا نڪري سگهيا، پوءِ فنانشل مسئلن جي ڪري وڌيڪ نہ هلي سگهيا ٻنهي رسالن جو ايڊيٽر پاڻ هيو

پاڻ پريس ڪلب ڳاڙهو جا باني آهن ۽ چار دفعا پريس ڪلب جا صدر رهي چڪا آهن

2000 ۾ فلاحي تنظيم "اياز ۽ لطيف" جو بنياد وڌائين ۽ ان پليٽ فارم تان مختلف ڊونر ادارا جهڙوڪ يونيسيف، SPOوغيره کان پروجيڪٽ وٺي پنهنجي علائقي ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ڪيائين، ماڻهن جي مدد ڪيائين 2022 ۾ هڪ ڀيرو وري وڌيڪ متحرڪ ۽ سماجي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، ڪرپشن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس سيڪٽ ڏيڻ لاءِ چار ڏينهن بدين جيل جي هوا کارائي وئي (اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو)

سندن والد الهبخش لاشاري 1976 کان عوامي تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن رهيا ۽ تحريڪ سان آخر تائين خوب نڀاهيائون

مٿي ڄاڻايل سندس ادبي، سياسي، صحافتي، سماجي سرگرمين کي مختصران ڪري پيش ڪيو اٿم، تہ اگر تفصيل ۾ وڃبو تہ مضمون ڊگهو ٿي ويندو، فيس بڪ تي وڏو مضمون لکڻ توڙي پڙهڻ ڏکيو ٿيو پوي

آصف شگر ملز جي آس پاس، ڳاڙهي شهر جي ايريا ۾ لاشاري قبيلي وارن جا وڏا راڄ آهن ۽ ڪميونٽيءَ جي حساب سان چڱي خاصي حيثيت رکندڙ آهن جيئن تہ الآصف شگر ملز ۾ مون زندگيءَ جا ڪل ٻارنهن سال گذاريا ۽ منهنجو لاشاري قبيلي وارن سان سنو تعلق رهيو فيض سنڌي بہ هن قبيلي جو هڪ سڄاڳ، ذهين، جاکوڙي، همت وارو، فرد آهي سندس اوطاق تي وڃڻ جا ۽ تفصيلي ڪچهريون ڪرڻ جا موقعا گهٽ مليا، باقي اڪثر مل ۾، ڳاڙهي شهر ۾، گسان پنڌان ايندي ويندي ساڻس ملاقاتون پئي رهيون آهن

فيض سنڌي هڪ متحرڪ انسان آهن، پاڻ عبرت اخبار جا رپورٽر، سوشل ورڪر، مضمون نگار ، پريس ڪلب ڳاڙهو جا باني، سنڌي ادبي سنگت ڳاڙهو جا باني ۽ پيشي جا لحاظ کان 1985 کان ماستر آهن

فيض سنڌي نہ صرف هڪ صحافي آهن، سوشل ورڪر آهن، سياسي ڪارڪن آهن، زميوار استاد آهن، پر هن علائقي جي مڪمل انسائڪلوپيڊيا پڻ آهن تاريخي ماڳ مڪانن، قديم آثارن، دريا ۽ سمنڊ جي پراڻن بندرگاهن، دريائي پراڻن وهڪرن، سمنڊ جي ٽڙن، ڪارين، ڍورن، واهڻن، وستين جي بہ وڏي ڄاڻ رکندڙ ۽ تاريخ جي بہ وڏي معلومات رکندڙ آهن

سنڌ ۾ هڪ لوڪ گيت شادين مرادين ۾ عورتون جهونگاربنديون آهن "راڻا تو مان راڄ ٿيندا، راڻا تو مان لک ٿيندا" ان لوڪ گيت جي اصل حقيقت مونکي فيض سنڌيءَ ٻڌائي هئي راڻي ارجن جو ڪوٽ ميرپور ساڪري کان متئين پاسي هو ۽ هن تر تي راڻي ارجن جي راجدائي هئي جڏهن ڪلهوڙن متس حملو ڪرايو هو، تہ راڻي ارجن پنهنجي راڄ ڀاڳ کان سوال ڪيو هو تہ "اگر جنگ ۾ سڀ راڻا مارجي ويا پوءِ ڇا ٿيندو، خاندان اڳيان ڪيئن وڌندو ويجهندو"

تڏهن عورتن گڏجي اهو لوڪ گيت ڳايو هو تہ "راڻا تو مان راڄ ٿيندا، راڻا تو مان لک ٿيندا" هي لوڪ گيت راڻي ارجن جي بهادريءَ جي ڪري ايترو تہ مشهور ٿيو، جو اڄ بہ سنڌ ۾ شادين جي وقت جڏهن گهوٽ لائن تي ايندو آهي، تہ عورتون گروپ جي صورت ۾ ڳائينديون آهن راڻي ارجن جو قصو مونکي فيض سنڌيءَ ٻڌايو هو (راڻي ارجن جو قصو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل لوڪ ادب جي ڪتابي سلسلي "جنگ نامن" ۾ پڙهي سگهجي ٿو).

راڻي ارجن جي خاندان جو فرد عبدالله راڻو جيڪو بہ هڪ نامور صحافي آهي ۽ منهنجي بہ ساڻس نيازمندي رهي آهي مون کي مشهور تاريخدان محترم گلحسن ڪلمتيءَ جو شهراء آفاق ڪتاب "ڪراچي سنڌ جي مارئي" عبدالله راڻي صاحب ڏنو هو، جيڪو سندس نشاني طور مون وٽ محفوظ آهي

فيض سنڌي هميشہ سوشل ڪمن ۾ پنهنجو ڪردار متحرڪ طريقي سان ادا ڪندا رهن ٿا، نہ سندن قلم ٿڪ پچي ٿو، نہ پاڻ ٿڪجن ٿا، نہ سندن سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي ڪا سستي نظر اچي ٿي، نہ ئي جيل ياترائون ڪيس مات ڏئي سگهيون آهن

ڪڏهن ڪڏهن سوشل ميڊيا تي ڪجہ نام نهاد فرد پنهنجا لائق، ڪمينٽس ۽ ريچ وڌائڻ لاءِ سنڌين ۽ بلوچن ۾ ويڇا وڌائڻ جون پوسٽون رکندا آهن، مون کي حيرت ٿيندي آهي ۽ کين مثال ڏيندو آهيان، تہ سنڌ ۾ فضل محمد لاشاري بلوچ عرف فيض سنڌيءَ جهڙا سنڌ جا هڏ ڏوکي بہ موجود آهن، جيڪي پنهنجي نالي سان بلوچ بدران سنڌي سڏائڻ ۾ فخر ٿا محسوس ڪن اها ئي سندن سنڌ سان وفاداريءَ جي نشاني آهي ڊاڪٽر بلوچ بہ تہ لغاري بلوچ هو، پر سنڌي ادب کي مالا مال ڪري ويو

فيض سنڌي پيشي جي لحاظ سان ماستر آهن سوشل ميڊيا تي توڙي اخبارن ۾ سندس مضمون ايندا رهندا آهن اگر ڪنهن بہ حوالي سان ڪو اڻوندڙ واقعو پيش ايندو آهي، تہ فيض سنڌي هميشہ پهرين صف ۾ نظر ايندا آهن

الآصف شگر ملز ۾ 12 سال ڊيوٽي ڪرڻ ڪانپوءِ وڃي پيون ملون وسايونسين، وقتي طور تي فيض سنڌيءَ سان رابطو گهٽ ٿئي ٿو، سوشل ميڊيا تي يا واٽس اپ يا فون وسيلي رابطي ۾ هوندا آهيون پاڻ منهنجا خاڪا پڙهندو رهندو آهي ۽ ڪمينٽ بہ ڪندو رهندو آهي

هيءَ دنيا آهي، هتي جيڪو چڱو عمل ڪري ٿو، تاريخ ان کي ياد ڪري ٿي، فضل محمد لاشاري عرف فيض سنڌيءَ کي هن ڌرتيءَ مان، هنن ماڻهن مان اميد آهي تہ اهو ئي مان ملندو، جنهن جو حقدار آهي

فيض سنڌي جو ڪردار سنڌين ۽ بلوچن لاءِ هڪ رول ماڊل آهي، هڪ مثال آهي، جنهن کي ان پليٽ فارم تي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو، جنهن پليٽ فارم تان ڪجہ سرڦريا، تاريخ کان اڻ واقف، گهٽ عقل وارا سنڌين ۽ بلوچن ۾ قومي ويڇا وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا

ان اميد سان تہ فيض سنڌي پنهنجي ڪٽنب قبيلي، راڄ ڀاڳ، اوڙي پاڙي سان شل خوش هجي ۽ سندس قلم کي ڪو زنگ نہ لڳي

منهنجون دعائون ساڻس گڏ آهن ۽ هميشہ رهنديون

ڪمند جي ڪچري مان پيٽرول جي متبادل ۾ برازيل جو انقلابي قدم

اعجاز ممنائي

ڪمند جي ڪچري (شوگرڪين باگاس / ڪاڙهي) مان پيٽرول جو هڪ بهترين متبادل تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي "بايو_ايٿانول" (Bio_ethanol)چيو ويندو آهي. بايو_ايٿانول هڪ ماحول دوست ٻارڻ آهي جيڪو پيٽرول جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ ۽ هوا جي آلودگي کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هاڻي سوال اهو آهي تہ ڪمند جي ڪچري مان پيٽرول جو متبادل ڪيئن ٺهندو آهي؟

هي عمل جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي مرحلن ذريعي مڪمل ٿيندو آهي ڪچري جي گڏ ڪرڻ (Collection)ڪمند مان رس ڪڍڻ کان پوءِ جيڪو ڦوڳ يا ڪچرو بچندو آهي، ان کي بايوماس (Biomass)چيو ويندو آهي. پري_ٽريٽمينٽ (Pre_treatment): ان ڪچري ۾ موجود سيلولوز (Cellulose)کي ڌار ڪرڻ لاءِ ان کي ڪيميائي يا حرارتي عمل مان گذاريو ويندو آهي فرمينٽيشن (Fermentation)خاص قسم جي خمير (Yeast)يا بيڪٽيريا جي مدد سان ان ڪچري جي شگر کي الڪوحل (ايٿانول) ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. ڪشيدگي (Distillation): آخر ۾، پاڻي ڌار ڪري 99.5٪ خالص بايو_ايٿانول حاصل ڪيو ويندو آهي جيڪو گاڏين ۾ استعمال جي قابل هوندو آهي.

ان سان ماحول جي حفاظت بہ ٿئي ٿي يعني هي ٻارڻ پيٽرول جي مقابلي ۾ گهٽ ڪاربان خارج ڪري ٿو، جنهن سان ماحولياتي آلودگي گهٽ ٿئي ٿي. هي مقامي سطح تي تيار ٿيندڙ ڪچري مان ٺهي ٿو، تنهنڪري هي پيٽرول کان ڪافي سستو پوي ٿو. ان سان گڏ هن کي سڌوسنئون پيٽرول سان گڏ ملائي (جهڙوڪ E10 يا E20بليند) عام گاڏين ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

برازيل دنيا جو پهريون ملڪ آهي جنهن ڪمند جي ڪچري کي سون بڻائي ڇڏيو آهي.اڄ جڏهن سڄي دنيا پيٽرول جي قيمتن ۽ موسمياتي تبديلي کان پريشان آهي، برازيل جي زرعي سائنسدانن هڪ اهڙو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو آهي جنهن تي سڄي دنيا حيران آهي _ ڪمند جي ڦوڪ (Bagasse)مان سيڪنڊ جنريشن ايٿانول، يعني پيٽرول جو 100٪ قدرتي متبادل تيار ٿئي ٿو ڊاڪٽر وليئم لي برانڪوئيسٽ جو نظريو ۽ برازيل جي اصل هيرو آهي جنهن نالي جو ذڪر ڪيو آهي، ان سان ملندڙ جلندڙ ڪم برازيل ۾ ٻن وڏن ادارن ڪيو آهي:

1. Heitor Cantarella_نارمن بورلاگ ايوارڊ يافتہ

هن سائنسدان کي انٽرنيشنل فرٽيلائيزر ايسوسيئيشن پاران نارمن بورلاگ ايوارڊ مليو، ڇاڪاڻ تہ هن اهڙو طريقو ايجاد ڪيو جنهن سان ڪمند جي پوک دوران نڪرندڙ نائٽرس آڪسائيڊ گيس ۾ 95٪ گهٽتائي اچي ٿي هن يوريا ۾ انهيبيٽر استعمال ڪيا

2. CNPEM جو CelOCEانزائم _ نيچر جرنل ۾ شايع: فيبروري 2025 ۾ برازيل جي نيشنل سينٽر فار ريسرچ ان انرجي اينڊ ميٽيريلز (CNPEM) جي سائنسدانن مٽي جي بيڪٽيريا مان هڪ نئون انزائم دريافت ڪيو جنهن جو نالو آهي .CelOCE هي انزائم ڪمند جي ڪچري مان گلوڪوز ڪڍڻ جي صلاحيت 21٪ وڌائي ٿو صرف 115 امينو ايسڊ تي مشتمل هي ننڍڙو انزائم پوري بائيو ريفائنري انڊسٽري جو نقشو بدلائي ڇڏيو آهي

ڪچري مان پيٽرول ٽن مرحلن ۾ ٺهي ٿو برازيل ۾ هن وقت جيڪو ڪم هلي رهيو آهي، اهو اسان جي سنڌ جي شگر ملن لاءِ بہ هڪ سبق آهي:

پهريون مرحلو پري ٽريٽمينٽ: ڪمند جو رس ڪڍڻ کان پوءِ بچيل سڪل ڪچرو، جنهن کي اسان ساڙي ڇڏيندا آهيون. ان کي ٻاڦ (Steam Explosion) ۽ سوڊيم هائيڊرو آڪسائيڊ سان نرم ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن ان جو سخت ڍانچو ٽٽي پوي

ٻيو مرحلو انزائم سان ٽوڙڻ: خاص سيلوليز انزائم ان ڪچري کي مٺاڻ (شوگر) ۾ تبديل ڪن ٿا

ٽيون مرحلو خمير (Fermentation): جينياتي طور تبديل ٿيل خمير (Yeast)ان شوگر کي ايٿانول ۾ بدلائي ٿو هن نئين ٽيڪنالاجي سان برازيل پنهنجي ايٿانول جي پيداوار 40٪ تائين وڌائي سگهي ٿو بغير هڪ انچ بہ وڌيڪ زمين پوکڻ جي دنيا جو سڀ کان وڏو پلانٽ مئي 2024 ۾ برازيل جي صدر لولا ڊي سلوا ساؤ پالو جي گوارابيا ۾ دنيا جو سڀ کان وڏو سيڪنڊ جنريشن ايٿانول پلانٽ _ Bonfim Bioenergy Parkجو افتتاح ڪيو هي پلانٽ ساليانو 82 ملين ليٽر ايٿانول صرف ڪچري مان ٺاهيندو ۽ عام پيٽرول جي مقابلي ۾ 60٪ گهٽ ڪاربن خارج ڪندو ڪمپني Raízen جا اهڙا 9 ٻيا پلانٽ بہ زير تعمير آهن جن جو ٽارگيٽ ساليانو 1.6 ارب ليٽر آهي برازيل اڄ ساليانو 37 ارب ليٽر ايٿانول ٺاهي ٿو، جيڪو دنيا جي ڪل بائيو فيول جو 20٪ آهي اتي ڪمند مان ملڪ جي ڪل توانائي جو 17٪ اچي ٿو سنڌ ۾ هر سال لکين ٽن ڪمند جي ڦوڪ ضايع ٿئي ٿي يا ساڙي وڃي ٿي، جنهن سان هوا آلوده ٿئي ٿي جيڪڏهن اسان برازيل ماڊل تي هلون تہ هڪ ٽن ڪمند مان 450 ليٽر ايٿانول ۽ 200 ڪلو جانورن جو چارو بہ ملي سگهي ٿو شگر ملون صرف کنڊ نہ پر بجلي ۽ پيٽرول بہ وڪڻي سگهن ٿيون هارين کي ڪچري جو بہ پئسو ملي سگهي ٿو ڪمند جي ڪچري مان تيل ٺاهڻ هاڻي ليبارٽري جو خواب ناهي، برازيل جي حقيقت آهي ۽ اها حقيقت سنڌ جي معيشت جو مستقبل بہ بڻجي سگهي ٿي

بقايا ✻✻✻ 01

بابت بريفنگ ڏني وئي. ان موقعي تي صوبي ۾ مقرر فوجي فارميشنز جي آپريشنل تيارين بابت پڻ آگاهہ ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر موجب، فيلڊ مارشل دهشتگرديءَ جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اعليٰ سطحي آپريشنل تياري برقرار رکڻ ۽ مسلسل چوڪس رهڻ جي هدايت ڪئي. هن آفيسرن ۽ جوانن جي بلند حوصلي ۽ پيشيوراڻين مهارت کي بہ ساراهيو. ان موقعي تي عاصم منير چيو تہ دهشتگرد جتي بہ هوندا، انهن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف آپريشن پوري شدت سان جاري رهندا. هن وڌيڪ چيو تہ عوام جي حمايت سان پاڪستان دهشتگردن ۽ سندن گمراهہ ڪندڙ نظريي کي مڪمل شڪست ڏيندو. آءِ ايس پي آر موجب، چيئرمين آف ڊفينس فورسز پاڪستاني عوام، شهيدن ۽ سيڪيورٽي فورسز جي غازين جي قربانين کي ساراهہ پيش ڪئي.

بقايا ✻✻✻ 02

حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد جي لاءِ پاڪستان جي اڻٽٽ حمايت جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان گڏيل قومن جي قراردادن موجب آزادانہ ۽ غيرجانبدارانہ ريفرنڊم جي ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ تائين ڪشميري عوام جي حمايت جاري رکندو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن آزاد جموں ۽ ڪشمير جي صدر ڊاڪٽر محمد نجيب نقي خان سان ڳالهائيندي ڪيو هتي ساڻس ملاقات ڪئي. وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر محمد نجيب نقي خان کي آزاد جموں ۽ ڪشمير جي صدر جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف آزاد جموں ۽ ڪشمير ۾ ترقياتي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ عوام جي زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ جي لاءِ وفاقي حڪومت پاران هر ممڪن تعاون فراهم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. وزيراعظم ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد جي لاءِ پاڪستان جي اڻٽٽ حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان گڏيل قومن جي قراردادن موجب آزادانہ ۽ غيرجانبدارانہ ريفرنڊم جي ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ تائين ڪشميري عوام جي حمايت جاري رکندو. وزيراعظم چيو تہ پاڪستان ڪشميري عوام کي انهن جي جائز حق ملڻ تائين انهن جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو. وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءَ الله خان پڻ ملاقات ۾ موجود هو.

بقايا ✻✻✻ 03

چڪو آهي تہ خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ اسان جي مجبوري هئي، جڏهن وڏو وزير وفاق سان جنگ ڪرڻ جي تياري ڪري تہ پوءِ کيس حڪومت ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ سانگهڙ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شازيا مري چيو تہ اسان بار بار چيو آهي تہ آئين جي دائري ۾ رهي احتجاج ڪيو وڃي، وڏي وزير کي اهو نٿو سونهين تہ هو ماڻهن کي ڀڙڪائي. هن وڌيڪ چيو تہ خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي لهر ٻين صوبن تائين بہ پکڙجي سگهي ٿي. شازيا مري چيو تہ نوان صوبا قائم ڪرڻ جو اختيار رڳو لاڳاپيل صوبي جي چونڊيل اسيمبلي وٽ آهي. سنڌ اسيمبلي ڪيئي ڀيرا نئين صوبي جي مخالفت ڪري چڪي آهي ۽ اڳتي بہ ڪندي رهندي.

بقايا ✻✻✻ 04

آهي، جتي مبينا طور 140488 سرڪاري ملازمن مستحق خاندانن لاءِ مختص ڪيل رقم وصول ڪئي، وزارتِ غربت جي خاتمي طرفان قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيل دستاويزن موجب، اربين رپين جي مبينا بي ضابطگين جي پيٽ ۾ هن وقت تائين رڳو 71 ڪروڙ رپين جي لڳ ڀڳ رقم واپس وصول ڪئي وئي آهي. دستاويزن موجب، مالي سال 2019_20 دوران سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن بي آءِ ايس پي مان 23 ارب 13 ڪروڙ رپيا وصول ڪيا. سال 2019 ع ۾ بي ضابطگين جي نشاندهي ٿيڻ باوجود مبينا طور 6 سالن تائين ادائيگيون جاري رهيون، جڏهن تہ ملازمن جي نشاندهي ٿيڻ کان پوءِ بہ 90 ڪروڙ رپين جون ادائيگيون ڪيون ويون. رڪارڊ موجب، مالي سال 2020_21 دوران 12,000 کان وڌيڪ سرڪاري ملازمن 14 ڪروڙ 67 لک رپيا وصول ڪيا. مالي سال 2021_22 ۾ 2447، 2022_23 ۾ 2235، 2023_24 ۾ 227 ۽ 2024_25 ۾ 12078 سرڪاري ملازمن طرفان بي آءِ ايس پي جا فنڊ وصول ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو. دستاويزن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مبينا مالي بي ضابطگين ۾ سرڪاري ملازمن سان گڏ سندن زالون ۽ مڙس بہ ملوث رهيا. مستحق خاندانن جا فنڊ وصول ڪندڙن ۾ بي آءِ ايس پي جا پنهنجا 236 ملازم بہ شامل آهن. دستاويزن موجب، وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) مبينا بي ضابطگين ۾ ملوث سرڪاري ملازمن کان 54 ڪروڙ رپيا واپس وصول ڪيا، جڏهن تہ ٻين سرڪاري کاتن 14 ڪروڙ 50 لک رپيا وصول ڪيا. بي آءِ ايس پي پنهنجي ملازمن کان 2 ڪروڙ 15 لک رپيا واپس ورتا. اهڙيءَ طرح مجموعي طور 70 ڪروڙ 65 لک رپيا، يعني لڳ ڀڳ 71 ڪروڙ رپيا واپس وصول ڪيا ويا. بي آءِ ايس پي مبينا مالي بي ضابطگين ۾ ملوث سرڪاري ملازمن جو رڪارڊ لاڳاپيل ادارن ڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ وڌيڪ جاچ لاءِ 600000 کان وڌيڪ سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن جي رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو آهي. قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيل دستاويزن موجب، رقم جي واپسي ۽ جاچ جو عمل جاري آهي، پر 24 ارب رپين جي مبينا مالي بي ضابطگين جي مقابلي ۾ هن وقت تائين واپس وصول ڪيل رقم جو وڏو فرق سرڪاري نگرانيءَ ۽ احتساب جي نظام بابت سوال اٿاري رهيو آهي.

بقايا ✻✻✻ 05

ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي راڻا ثناءَ الله چيو تہ خيبرپختونخوا جي گورنر 160 ارب رپين جي گهر ڪئي هئي، جنهن جي وزيراعظم فوري طور منظوري ڏئي ڇڏي. هن چيو تہ خيبرپختونخوا مان دهشتگرديءَ جو خاتمو ڪيو ويندو ڇاڪاڻ تہ دهشتگردي ختم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. سندس چوڻ هو تہ دهشتگرديءَ جي خاتمي کانسواءِ عوام جي زندگي بهتر نٿي بڻائي سگهجي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي ايجنڊا ۾ جيڪو شامل نہ هوندو ان کي سياسي طور ختم ٿيڻو پوندو راڻا ثناءَ الله چيو تہ اها ڪا بہ سياسي جماعت هجي، جيڪڏهن اها پوري خلوص سان سيڪيورٽي فورسز سان گڏ نہ بيهندي تہ اها مائنس ٿي ويندي. هن وڌيڪ چيو تہ هن وقت 28هين آئيني ترميم بابت ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي آهي ۽ نہ ئي ان جو ڪو مسودو سامهون آيو آهي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سڄي قوم کي متحد ٿيڻ گهرجي.

بقايا ✻✻✻ 06

حڪومت سان گڏ ڇو آهي هن وڌيڪ چيو تہ پيپلز پارٽي وٽ اڪثريت ناهي تہ پوءِ ان وٽ عهدا ڇو آهن؟ هن الزام هنيو تہ 28هين ترميم آڻڻ لاءِ سودبازي ڪئي وئي آهي.

بقايا ✻✻✻ 07

جي ضرورت آهي. نوجوانن لاءِ تعليم سان گڏ راندين جون سرگرميون پڻ انتهائي ضروري آهن، ڇاڪاڻ تہ راندين ذريعي نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيل "لوڪ سهائتا 54هين قومي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ 2026 ع جي افتتاحي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ پاڪستان ايٿليٽڪ فيڊريشن جي چيئرمين اڪرم ساهي، ڪراچي پوليس جي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل آزاد خان، لوڪ سهائتا جي چيئرمين پير محمد شاهہ، سنڌ جي راندين واري کاتي جي سيڪريٽري ۽ ٻين لاڳاپيل شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي ۽ خطاب ڪيو. صوبائي وزير سعيد غني چيو تہ کيس خوشي آهي تہ ڪراچي ۾ قومي سطح جي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ منعقد ٿي رهي آهي. هن چيو تہ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کي پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻي هئي، پر پرڏيهي دوري تي وڃڻ سبب هن اها ذميواري کيس سونپي. سعيد غني چيمپيئن شپ جي ڪامياب انعقاد تي لوڪ سهائتا جي ٽيم کي مبارڪباد ڏيندي چيو تہ هو پاڻ بہ راندين ۾ دلچسپي رکي ٿو ۽ جتي بہ کيس راندين جي ڪنهن تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي آهي، اتي خوشيءَ سان ويندو آهي. هن چيو تہ نوجوانن لاءِ تعليم سان گڏ راندين ۾ حصو وٺڻ بہ ضروري آهي. سندس خواهش آهي تہ اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن تحت ٻار ننڍي عمر کان ئي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ راندين جي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺن، جيئن سندن صلاحيتن کي سڃاڻي سگهجي ۽ کين اڳتي وڌڻ جا مناسب موقعا فراهم ڪري سگهجن. صوبائي وزير چيو تہ پاڪستاني رانديگر ارشد نديم جي جيولين ٿرو جي ميدان ۾ ڪاميابين ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي. راندين کي رڳو هاڪي ۽ ڪرڪيٽ تائين محدود نہ رکڻ گهرجي، پر ٻين راندين کي بہ هٿي ڏيڻ ضروري آهي، جيئن مختلف شعبن ۾ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا موقعا ملي سگهن. سعيد غني چيو تہ کيس جن جن وزارتن ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، انهن ادارن ۾ هن راندين جي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ قدم کنيا، ڇاڪاڻ تہ راندين جي ترقي پڻ سماج جي ضرورت آهي. سندس چوڻ هو تہ ماضيءَ ۾ مختلف سرڪاري ادارن ۾ ڪيترين ئي راندين جون ٽيمون موجود هونديون هيون، پر هاڻي ڪيترن ئي ادارن ۾ اهي ٽيمون ختم ٿي ويون آهن. جڏهن انهن ادارن کان ٽيمون ختم ڪرڻ بابت پڇيو ويو تہ ٻڌايو ويو تہ ادارا مالي خساري کي منهن ڏئي رهيا آهن. صوبائي وزير چيو تہ هن اهڙن ادارن ۾ راندين جي ٽيمن کي ٻيهر فعال ڪرڻ ۽ رانديگرن کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو سندس چوڻ هو تہ جن ادارن کي مالي خسارو آهي، اهي ڪجهہ وڌيڪ خسارو برداشت ڪن، پر راندين ۽ رانديگرن کي هٿي ڏيڻ جو عمل جاري رکن. سعيد غني چيو تہ سندس نظر ۾ راندين تي ٿيندڙ خرچ خسارو نہ، پر هڪ سيڙپڪاري آهي، ڇاڪاڻ تہ ان سان نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا ملن ٿا ۽ ملڪ لاءِ نوان باصلاحيت رانديگر پيدا ٿين ٿا. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ ۽ پاڪستان ۾ راندين کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن لوڪ سهائتا جي چيئرمين پير محمد شاهہ جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو تہ هو پنهنجي سرڪاري ذميوارين سان گڏ نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پڻ محنت ڪري رهيو آهي. صوبائي وزير اميد ظاهر ڪئي تہ چيمپيئن شپ ۾ حصو وٺندڙ سمورا رانديگر ڀرپور نموني پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا ۽ مستقبل ۾ قومي توڙي عالمي مقابلن ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪندا. تقريب کي خطاب ڪندي لوڪ سهائتا جي چيئرمين پير محمد شاهہ چيو تہ هو چيمپيئن شپ ۾ حصو وٺندڙ سمورن رانديگرن کي ڀليڪار ڪري ٿو هن چيو تہ 9 سالن جي ڊگهي وقفي ڪانپوءِ قومي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ منعقد ٿي رهي آهي، جنهن ۾ ڪراچي سميت پاڪستان جي مختلف شهرن ۽ صوبن مان رانديگر حصو وٺي رهيا آهن. پير محمد شاهہ ٻين شهرن ۽ صوبن مان آيل رانديگرن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ کيس اميد آهي تہ ڪراچي ۾ سندن رهائش يادگار ثابت ٿيندي ۽ کين هن چيمپيئن شپ دوران پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ملندا. هن چيو تہ اهڙن مقابلن ذريعي نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن کي نکارڻ ۽ مستقبل ۾ عالمي سطح تي ملڪ جي نمائندگي ڪرڻ جا موقعا ملندا. اميد آهي تہ اهي رانديگر عالمي مقابلن ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪندا. پير محمد شاهہ چيو تہ هن چيمپيئن شپ کي "هڪ قوم، هڪ ميدان، هڪ پاڪستان" جي نعري سان منسوب ڪيو ويو آهي، جيڪو قومي اتحاد، يڪجهتي ۽ راندين جي ذريعي گڏيل جذبي جي نمائندگي ڪري ٿو. تقريب کي خطاب ڪندي لوڪ سهائتا جي پيٽرن ان چيف ۽ اڳوڻي چيف جسٽس آغا رفيق چيو تہ هي ايونٽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جو اهم موقعو فراهم ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ سندن ڪوشش آهي تہ نون ۽ باصلاحيت نوجوانن کي راندين جي ميدان ۾ وڌيڪ موقعا فراهم ڪري اڳتي آندو وڃي. آغا رفيق اميد ظاهر ڪئي تہ چيمپيئن شپ ۾ حصو وٺندڙ نوجوان رانديگر مستقبل ۾ عالمي مقابلن ۾ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندا. هن ڪراچي ۾ قومي سطح جي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ جي انعقاد کي پڻ ساراهيو تقريب جي پڄاڻيءَ تي صوبائي وزير سعيد غني 54هين قومي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ 2026 ع جي باضابطہ افتتاح جو اعلان ڪندي مقابلن جي شروعات ڪئي.

بقايا ✻✻✻ 08

ان لاڳاپيل ٻن پاڪستاني شهرين بابت اڳوڻي عدالتي حڪم تي مبينا طور عمل نہ ڪرڻ جي معاملي تي توهين عدالت جي ٻن الڳ درخواستن ۾ پرڏيهي سيڪريٽري عاصر افتخار کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. 14 سيپٽمبر تي لاهور هاءِ ڪورٽ پرڏيهي سيڪريٽري کي هدايت ڪئي هئي تہ گڏيل عرب امارتن ۾ قيد ٻن پاڪستاني شهرين، سيد سلمان رضا زيدي ۽ محمد جنيد جهانگير، جي معاملي بابت ڏنل درخواستن تي 15 ڏينهن اندر ڪارروائي ڪري فيصلو ڪيو وڃي. جسٽس صادق محمود خرم خميس ڏينهن توهين عدالت جي درخواستن جي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذارن طرفان بئريسٽر ابوذر سلمان نيازي پيش ٿيو جنهن الزام لڳايو تہ ٻنهي شهرين کي اڃا تائين قونصلر، سفارتي ۽ قانوني رسائي کان محروم رکيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 09

، جوابدار 17 آڪٽوبر تي پرڏيهہ مان پاڪستان پهتو ۽ پنهنجي ڀاءُ کي فون ڪري ڳوٺ مان شهر گهرايو ٻنهي ڀائرن گڏجي ماني کاڌي، جنهن کان پوءِ هو گهر ڏانهن روانا ٿيا. رستي ۾ هڪ ويران هنڌ تي پهچڻ ڪانپوءِ جوابدار پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪري فرار ٿي ويو پوليس ٻڌايو تہ پيءُ پاران قتل جو اطلاع ڏيڻ تي جوابدار پاڻ کي پرڏيهہ ظاهر ڪيو ۽ پاڪستان پهچڻ تائين مڙهہ جي تدفين روڪرائڻ تي زور ڀريو ان کان پوءِ هو پنهنجي ڀاءُ جي جنازي ۾ بہ شريڪ ٿيو پوليس موجب، جوابدار ۽ سندس ڀاءُ جي گڏ گهمڻ ڦرڻ جا سمورا منظر ڪئميرا ۾ محفوظ ٿي ويا، جن جي مدد سان جاچ ۾ اڳڀرائي ٿي، پوليس ڪارروائي ڪندي پنجن ڏينهن اندر جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو شروعاتي طور قتل جو ڪارڻ زمين جو تڪرار ۽ گهريلو اڻبڻت ٻڌائي پئي وڃي، جڏهن تہ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 10

يامينٽ کي نوان صوبا ٺاهڻ بابت بحث ڪرڻ جو اختيار ناهي. ضمير گهمري جو چوڻ هو تہ سنڌ جي وحدت جي معاملي تي سمورين سياسي پارٽين کي هڪ آواز ۽ متحد ٿيڻ گهرجي، جڏهن تہ ٻين معاملن تي سياسي پارٽيون اختلاف راءِ رکڻ سان گڏ تنقيد بہ ڪري سگهن ٿيون. هن چيو تہ سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ تي عوام ۾ سخت ڪاوڙ پکڙيل آهي، پر اسلام آباد کي اندازو ئي ناهي تہ عوام ۾ ڪيتري ڪاوڙ آهي. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ جي وحدت بابت سمورين سياسي پارٽين کي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ گهرجي.

بقايا ✻✻✻ 11

رهائشگاهہ پهچي سندس چاچي مرحوم اسماعيل سمون ۽ نوجوان ڀائيٽي مرحوم ادريس غني جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر اڳواڻ ۽ سنڌ جو صوبائي وزير سعيد غني پڻ موجود هو. وقتي گورنر سنڌ مرحومن جي ايصال ثواب لاءِ فاتحہ خواني ڪئي ۽ الله تعاليٰ کان سندن مغفرت، درجن جي بلنديءَ ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا گهري.

بقايا ✻✻✻ 12

موڪلي ڇڏيون آهن. جتي 65 ڄڻا زخمي ٿيا آهن. تبت بابت معلومات جو اڪثر واحد ذريعو چين جي سرڪاري ميڊيا هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ 1950 ع واري ڏهاڪي ۾ تبت کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ کان پوءِ چين اتي سخت ڪنٽرول برقرار رکيو آهي، چين جي سرڪاري خبرن واري اداري شنهوا، مقامي هنگامي انتظاميا جي بيورو جي حوالي سان ٻڌايو تہ خميس جي رات زلزلي جو مرڪز ناگچو علائقي جي باچين ڪائونٽي ۾ هو هيءُ ڪائونٽي تبت جي گاديءَ واري شهر لهاسا کان 400 ڪلوميٽر اتر اولهہ ۾ واقع آهي. اطلاعن موجب، زلزلي سبب 300 کان وڌيڪ گهر ڊهي پيا آهن، جڏهن تہ علائقي جي وڏي حصي ۾ بجليءَ جي فراهمي بند ٿي وئي آهي. زلزلي مان بچي ويل ڪيترن ئي ماڻهن مقامي ميڊيا کي ٻڌايو تہ انهن ڪيئن ڏکيائين سان پنهنجي جان بچائي. تبت ڊيلي سان ڳالهائيندي ناگچو جي رهواسڻ بيشي تسومو ٻڌايو تہ هوءَ پنهنجي بستري تي ستل هئي، جڏهن سندس گهر زور سان لڏڻ لڳو زلزلو محسوس ڪندي هوءَ اگهاڙين پيرن ٻاهر نڪري آئي. هن ٻڌايو تہ گهر جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي سندس ٽنگون "بي قابو نموني ڏڪي رهيون هيون". هڪ ٻئي اکين ڏٺي شاهد ٻڌايو تہ ڌرتيءَ جو ڌوڏو ايترو تہ شديد هو، "جو ان لمحي مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪيترائي سئو جنگلي ڍڳا يعني ياڪ اسان جي پرسان ڊوڙندا گذري رهيا هجن". "خبر ڏيندڙ اداري موجب، رهواسين کي خدشو هو تہ زلزلي جا وڌيڪ لوڏا سندن گهرن ۾ قاسائي سگهن ٿا، تنهن ڪري انهن رات سخت سرديءَ ۾، جڏهن گرمي پد ٻڙيءَ کان هيٺ هو خيمن يا پنهنجي گاڏين ۾ پناهہ وٺي گذاري.

بقايا ✻✻✻ 13

ن ۾ مبينا بي ضابطگين جو نوٽيس وٺندي ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي. سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري وزير محمد اسماعيل راهو ٽاپ سيڪريٽ برانچ جي ڊپٽي ڪنٽرولر اعجاز علي ڪاڪا کي معطل ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ معاملي جي شفاف جاچ لاءِ ٽن ميمبرن تي مشتمل انڪوائري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو جي منظوري ڪانپوءِ يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري سيڪريٽري عباس بلوچ معطلي ۽ انڪوائري ڪميٽي جي قائم ڪرڻ جو باضابطہ حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير جي ترجمان موجب پروفيسر ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو کي انڪوائري ڪميٽي جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ايڊيشنل سيڪريٽري امير فضل اويسي ۽ ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو ڪميٽي جا ميمبر هوندا. انڪوائري ڪميٽي انٽرميڊيٽ پارٽ ٽو جي پري ميڊيڪل ۽ پري انجنيئرنگ گروپن جي نتيجن جو تفصيلي جائزو وٺندي. ان سلسلي ۾ پوزيشن هولڊرز، ٽاپ 10 اميدوارن ۽ اي ون ۽ اي گريڊ حاصل ڪندڙ شاگردن جي رڪارڊ جي بہ ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي. ڪميٽي نتيجن جي تيارين، جوابي ڪاپين جي جاچ، ٽيبوليشن ۽ نتيجن جي اعلان سميت سمورن لاڳاپيل مرحلن ۾ مبينا بي ضابطگين جو جائزو وٺي حقيقتن جو تعين ڪندي. اختيارين موجب معطل ٿيل آفيسر کي انڪوائري مڪمل ٿيڻ تائين لاڳاپيل اختيارين ۽ تحقيقاتي ڪميٽي سان مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. تحقيقاتي ڪميٽي 30 ڏينهن اندر پنهنجي رپورٽ ۽ سفارشون يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو کي پيش ڪندي.

بقايا ✻✻✻ 14

ي پيا. پوليس اختيارين موجب حادثو لسٻيلہ جي اوٿل زيرو پوائنٽ وٽ پيش آيو فوتين ۾ 3 عورتون پڻ شامل آهن. پوليس موجب مسافر بس گوادر کان ڪراچي وڃي رهي هئي، جڏهن تہ مني وين ڪراچي کان لسٻيلہ ڏانهن وڃي رهي هئي. حادثي جو اطلاع ملڻ تي امدادي ٽيمن ۽ ٻين ريسڪيو ادارن فوري طور ڪارروائي ڪندي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو. اختيارين موجب حادثي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا ✻✻✻ 15

ڪارروائي ڪندي مبينا طور آن لائن نيٽ ورڪ جي ور چڙهيل 13 ورهين جي نينگريءَ کي بازياب ڪرائي ورتو اين سي سي آءِ اي موجب نينگريءَ کي مبينا طور ڊارڪ ويب سان لاڳاپيل هڪ گروهہ طرفان مختلف ٽاسڪ ڏنا پئي ويا. اداري جي دعويٰ موجب پهرين ٽاسڪ ۾ نينگريءَ کان ٻليءَ کي زهر ڏئي مارايو ويو، جڏهن تہ ٻئي ٽاسڪ ۾ کيس پاڻ کي سخت نقصان پهچائڻ جو حڪم ڏنو ويو اختيارين موجب ٻيو ٽاسڪ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي اين سي سي آءِ اي جي ٽيم نينگريءَ تائين پهچي وئي ۽ کيس محفوظ بڻايو ويو جاچ دوران اهو بہ سامهون آيو تہ نينگريءَ جا والدين سندس آن لائن سرگرمين کان مڪمل طور بي خبر هئا. اين سي سي آءِ اي موجب نينگريءَ سان رابطو ڪندڙ اڪائونٽن جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان جي ٻين ٻارن کي بہ نشانو بڻائڻ جي امڪان بابت جاچ جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 16

ويو. پوليس موجب مقتولا جي سڃاڻپ سويرا جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جنهن جو لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس ٻڌايو تہ عورت پنهنجي ٻن ٻارن ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏ رهندي هئي. وارثن موجب واقعي وقت مقتولا جا ٻئي ٻار ويجهي علائقي ۾ پنهنجي نانيءَ جي گهر ويل هئا، جڏهن تہ سندس مڙس دبئي ۾ رهائش پذير آهي. پوليس موجب مقتولا جو ننڍو ڀاءُ عبدالله جڏهن گهر پهتو تہ سندس ڀيڻ جو لاش پيل هو. عبدالله جي بيان موجب گهر مان چار موبائل فون پڻ گم آهن. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا ✻✻✻ 17

س جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. ڪاروبار جي شروعات تي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 600 کان وڌيڪ پوائنٽس گهٽجڻ ڪانپوءِ هڪ لک 63 هزار 262 پوائنٽس جي سطح تي اچي ويو. واضح رهي تہ گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي بہ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مندي رهي هئي ۽ 100 انڊيڪس 2 هزار 6 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ هڪ لک 63 هزار 924 پوائنٽس تي بند ٿيو هو.

بقايا ✻✻✻ 18

ي ۽ ثقافتي متاسنا تي خاص ڌيان ڏيڻ جي اهميت اجاگر ڪئي. جمعي ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اهڙن خيالن جو اظهار برلن ۾ جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر سان ملاقات دوران ڪيو صدر آصف علي زرداري جرمن صدر جا دوري جي دعوت ڏيڻ ۽ پنهنجي وفد جي شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورا ادا ڪيا. هن چيو تہ هي دورو جرمني سان پاڪستان جي پراڻي دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي عزم جو عڪاس آهي. هن ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ پاڪستان مسلسل تعميري رابطن جي ذريعي موجوده لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط، مستحڪم ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل حصيداري ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي. صدر ان اهم دوري کي ساراهيندي چيو تہ هي 23 سالن جي وقفي ڪانپوءِ ٿي رهيو آهي جيڪو ٻنهي ملڪن جي ٻطرفي لاڳاپن ۾ هڪ اهم باب جي حيثيت رکي ٿو هن چيو تہ هلندڙ سال پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهہ پڻ ملهائي پئي وڃي. هن چيو تہ پاڪستان جرمني کي يورپ ۾ پنهنجو اهم حصيدار سمجهي ٿو ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ، سماجي تحفظ ۽ انساني ترقي جي شعبن ۾ جرمني جي مدد کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو صدر آصف علي زرداري چيو تہ پاڪستان روايتي شعبن کان اڳتي وڌندي جرمني سان سائنسي ترقي، عوامي صحت، تعليم، فني تربيت، ٽيڪنالاجي جي فروغ، واپار ۽ سيڙپڪاري، زراعت، ڪاروبار ۽ صنعت ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ سميت مختلف شعبن ۾ جديد ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون کي سگهہ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. ان مقصد جي لاءِ حڪومتي سطح، ڪاروباري ادارن ۽ ماهرن جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ فروغ ڏنو ويندو صدر آمريڪا ۽ ايران جي تڪرار ۾ پاڪستان جي مخلصاڻي ثالثي ڪردار جي جرمني پاران اعتراف تي صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر جا ٿورا ادا ڪيا. هن چيو تہ پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام جي مفاد ۾ تڪرارن جي حل لاءِ مسلسل ڳالهہ ٻولهہ ۽ تعميري ڳالهہ ٻولهہ تي يقين رکي ٿو جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهہ جي اهم موقعي تي صدر آصف علي زرداري جي جرمني جي دوري جي شاندار آجيان ڪئي. هن تازو ئي پشاور ۾ اسڪول جي ڇت ڪري پوڻ جي افسوسناڪ واقعي ۾ ٻارن جي فوت ٿيڻ تي تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو جرمن صدر اميد ظاهر ڪئي تہ پاڪستان ۽ جرمني ٻطرفي ڪاروباري سرگرمين جي فروغ، تعليم جي شعبي ۾ تعاون ۽ ٽيڪنيڪي حصيداري کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ ڪاروبار ۽ واپار جي شعبن ۾ وڌيڪ موثر ڪوششن سان رابطا جاري رکندا. جرمن صدر علائقائي ۽ عالمي تڪرارن جي حل ۾ پاڪستان جي وڌندڙ سفارتي ڪردار کي ساراهيو صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر جرمني واپس موڪليا ويندڙ 500 افغان شهرين جي تصديق جي عمل ۾ سهولت فراهم ڪرڻ تي پاڪستان حڪومت جي واکاڻ ڪئي. هن گذريل چار ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي دوران لکين افغان شهرين کي انساني همدرديءَ جي بنياد تي امداد فراهم ڪرڻ تي پڻ پاڪستان کي ساراهيو ٻنهي صدرن افغانستان بابت چئلينجز تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. صدر آصف علي زرداري واضح ڪيو تہ پاڪستان جو افغان عوام سان ڪو تڪرار نہ آهي. جڏهن تہ پاڪستان دهشتگردن کي افغان سرزمين استعمال ڪندي پاڪستاني شهرين تي حملا ڪرڻ ۽ ملڪي خودمختياري جي خلاف ورزي ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو جرمن صدر جي خصوصي دلچسپي جي جواب ۾ صدر آصف علي زرداري چيو تہ مڪہ دفاعي معاهدي جو مقصد علائقائي سلامتي کي يقيني بڻائڻ آهي. اهو معاهدو علائقائي تڪرارن جي بدران علائقائي سلامتي جي لاءِ هڪ متبادل رستو فراهم ڪري ٿو ۽ ڪنهن مخصوص ملڪ جي خلاف نہ آهي. صدر آصف علي زرداري جرمن صدر کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني جنهن تي جرمن صدر چيو تہ هو مناسب وقت تي پاڪستان جو دورو ڪندو وفدن کانسواءِ ملاقات ڪانپوءِ ٻنهي صدرن جي وچ ۾ وفدن جي سطح تي ڳالهہ ٻولهہ پڻ ٿي. پاڪستاني وفد ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ، سنڌ جا صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ جام خان شورو، سينيٽر سليم مانڊوي والا ۽ جرمني ۾ پاڪستان جو سفير سلمان شريف شامل هئا. ان کان اڳ جرمن دفاع واري وزارت ۾ صدر آصف علي زرداري کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو ان موقعي تي جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر پڻ موجود هو.

بقايا ✻✻✻ 19

امي يونٽ قائم ڪرڻ ضروري آهن، جڏهن تہ بلوچستان ۾ نون صوبن سان گڏ نئيا ڊويزن ۽ ضلعا ٺاهڻ جي بہ ضرورت آهي. اتر ڊيرا بگٽي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بگٽي چيو تہ ڪوهہ سليمان ڊويزن جي سمورين ڊويزنل پوسٽن جي منظوري ڏني وئي آهي، جڏهن تہ منظور ٿيل پوسٽن تي آفيسر ۽ ٻيو عملو جلد مقرر ڪيو ويندو هن چيو تہ انتظامي يونٽ ننڍا هئڻ سان عوام کي سول حڪومت ۽ مختلف کاتن تائين پهچڻ ۾ سولائي ٿيندي. سندس چوڻ هو تہ نئين انتظامي يونٽن بابت بحث هاڻي شروع ٿيو آهي، پر هن اهو عمل 2 سال اڳ شروع ڪيو هو. وڏي وزير چيو تہ بلوچستان جي خاص حالتن کي نظر ۾ رکندي انتظامي ڍانچو عوام جي ضرورتن مطابق ٺاهڻو پوندو.

بقايا ✻✻✻ 20

جي لاءِ وڏو فيصلو ڪندي سال 2027 ع جي ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت 4500 رپيا في مڻ مقرر ڪئي آهي، گذريل سال ڪڻڪ جي قيمت 3500 رپيا في مڻ مقرر هئي. وزيراعظم چيو تہ صدر آصف علي زرداري ۽ قائد محمد نواز شريف جي رهنمائي ۽ پنجاب ۽ سنڌ جي وڏي وزيرن جي مشاورت ۽ تعاون شامل رهيو ان فيصلي جي لاءِ مشاورتي عمل ۾ تعاون ۽ قابل قدر تجويزون پيش ڪرڻ تي پنجاب جي وزيراعلي مريم نواز جا خصوصي ٿورا ادا ڪندي وزيراعظم سندس ان مشاورتي عمل ۾ ڪردار جي واکاڻ ڪئي. وزيراعظم سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي تعاون تي پڻ ٿورا ادا ڪيا، حڪومت پاران ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت ۾ اضافي جو مقصد آبادگارن کي وڌندڙ پيداواري لاڳت، پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي ۽ مهانگائي جي دٻاءُ کان ريليف فراهم ڪرڻ آهي. وزيراعظم چيو تہ آبادگارن کي ڪڻڪ جي پوکيءَ جي لاءِ موثر ترغيب ڏيڻ فيصلي جي اولين مقصدن ۾ شامل آهي. اميد آهي تہ نئين تجويز ڪيل قيمت سان آبادگارن کي پنهنجي پيداواري لاڳت پوري ڪرڻ ۽ مناسب منافعو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. وزيراعظم چيو تہ گذريل سالن دوران آبادگارن کي مهانگائي ۽ زرعي خرچن ۾ اضافي جي ڪري مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو پاڪستان کي گذريل ٻن سالن ۾ ڪڻڪ جي درآمد پڻ ڪرڻي پئي، ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت ۾ اضافي جو اهم فيصلو ملڪي غذائي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ، مقامي پيداوار جي حوصلا افزائي ۽ زرعي شعبي ۾ استحڪام جي لاءِ اهم اڳڀرائي ثابت ٿيندي. حڪومت کي اميد آهي تہ تجويز ڪيل قيمت جي تعين سان آبادگار ڪڻڪ جي پوکيءَ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺندا جنهن جي نتيجي ۾ ايندڙ سيزن ۾ ڪڻڪ جي ڀرپور پوکي ۽ ملڪي پيداوار ۾ اضافي جا امڪان روشن ٿيندا. وزيراعظم جو اهو قدم آبادگارن جي معاشي بهتري، زرعي معيشت جي استحڪام ۽ ملڪ کي غذائي ضرورتن جي ڏس ۾ وڌيڪ پاڻ ڀرو بڻائڻ جي ڪوششن ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو اميد آهي تہ سال 2027 ع پاڪستان جي زرعي شعبي ۽ آبادگارن جي خوشحالي جي لاءِ مثبت نتيجا رکندڙ هوندو.

بقايا ✻✻✻ 21

جي ڀرتين جو انڪشاف ٿيو آهي. تعليم کاتي جعلي ڊگري سرٽيفڪيٽن تي ڀرتي ٿيل 5 استادن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ڊائريڪٽوريٽ جنرل ايچ آر اينڊ ٽريننگ طرفان ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن لاڙڪاڻي ريجن کي خط لکيو ويو آهي. تعليم کاتي جعلي ڊگري سرٽيفڪيٽن تي ڀرتي ٿيل 5 پرائمري ۽ جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچرز جا مقرريءَ جا آرڊر رد ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا ✻✻✻ 22

واڊي فل بدلجندڙ علائقائي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ، سفارتڪاري ۽ عالمي سطح تي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو آهي. جمعي ڏينهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار استنبول ۾ آر فور ۽ جرمني، فرانس، اٽلي ۽ برطانيا (اي فور) جي وزارتي اجلاس جي موقعي تي جرمني جي پرڏيهي وزير يوهان واڊي فل سان ملاقات ڪئي، ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ جرمني جي لاڳاپن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل دلچسپي جي مختلف شعبن ۾ مسلسل رابطن ۽ تعاون جي ذريعي ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ٻنهي پرڏيهي وزيرن تازي علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ بدلجندڙ علائقائي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ، سفارتڪاري ۽ عالمي سطح تي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار آر فور فريم ورڪ سان جرمني، فرانس، اٽلي ۽ برطانيا جي تعميري رابطن جي آجيان ڪئي ۽ گڏيل ڳڻتي جي معاملن تي مسلسل مشاورت ۽ سفارتي رابطن جي اهميت کي اجاگر ڪيو.

بقايا ✻✻✻ 23

جلد ٻيهر حملو ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو آهي. وائيٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڊونلڊ ٽرمپ چيو تہ آمريڪا ايران کي سخت نقصان پهچايو آهي ۽ ممڪن آهي تہ وڌيڪ ڪارروائي پڻ ڪئي وڃي. آمريڪا جي وچ مدي وارن چونڊن دوران جنگ جي اثرن بابت ووٽرن جي راءِ تي سوال جي جواب ۾ ٽرمپ چيو تہ هڪ لحاظ کان ماڻهو ان ڳالهہ کي پسند ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هو اهو ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو ٻين صدرن کي ڪرڻ گهرجي ها. هن وڌيڪ چيو تہ ٻئي پاسي ممڪن آهي تہ ڪجهہ ماڻهو ان کي پسند نہ ڪن. اهڙي قدم جي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي،

بقايا ✻✻✻ 24

جلد ڪا نہ ڪا اڳيرائي ٿيندي. سندس چوڻ هو تہ آمريڪا فوجي ۽ مالي لحاظ کان ايران خلاف سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري رهيو آهي. آمريڪي صدر ايران تي الزام هنيو تہ اهو آمريڪا جي وچ مدي وارين چونڊن کان اڳ تيل جا اگهہ وڌائي رهيو آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ ٽرمپ چيو تہ هن وقت آبنائي هرمز مان جيترو تيل گذري رهيو آهي، ايترو تيل فيبروريءَ ۾ تڪرار شروع ٿيڻ کان اڳ بہ نہ گذرندو هو سندس دعويٰ هئي تہ ايران حملن ۽ بارودي سرنگهن جي واقعن بابت ڪوڙا قصا گهڙي رهيو آهي. هوڏانهن هڪ آمريڪي اخبار دعويٰ ڪئي آهي تہ آمريڪا ۽ اسرائيل وچ مدي وارين چونڊن ڪانپوءِ ايران تي نون حملن جي رٿابندي ڪري ڇڏي آهي. اخبار موجب هڪ آمريڪي عهديدار ٻڌايو تہ ٻنهي ملڪن جون فوجون امڪاني حملن جون مشقون پڻ تيز ڪري رهيون آهن. امڪاني هدفن ۾ ايران جون توانائيءَ جون تنصيبات، جوهري مرڪز، ميزائل ۽ ڊرونن جا ذخيرا شامل آهن.

مني مسافر وين ۽ مسافر ڪوچ وچ ۾ پوائنٽي ٽڪر جي نتيجي ۾ 12 ڄڻا فوت ۽ 21 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حادثي جي نتيجي ۾ فوت ٿيلن جا لاش ۽ زخمين کي اوٿل جي ڊسٽرڪٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين کي شروعاتي طبي امداد ڏيڻ ڪانپوءِ وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي جي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب، ايمبولينسن جي کوٽ سبب حب ۽ ڪراچي جي علائقي بلديا ٽائون مان وڏي انگ ۾ ايمبولينسون حادثي واري هنڌ ڏانهن روانيون ڪيون ويون.

بقايا ✻✻✻ 25

آهن ۽ يمن جي اولهہ واري شهر الحديده پرسان موجود آهن. اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي، جڏهن حوثي باغين دعويٰ ڪئي هئي تہ 22 آڪٽوبر تي جبل زقر ٻيٽ پرسان هڪ ٻيڙيءَ تي حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ 14 ڀارتي شهري سوار هئا، حوثين ان حملي جو الزام سعودي عرب تي لڳايو هو. ڀارتي سفارتخاني سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو تہ مليل اطلاعن موجب، سمورا 14 ڀارتي شهري محفوظ آهن ۽ الحديده واري علائقي ۾ موجود آهن. سفارتخاني موجب، انهن جي خيريت ۽ سلامتي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. ان کان اڳ سفارتخاني چيو هو تہ واقعي جي حالتن ۽ حقيقتن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ڌرين سان رابطا ڪيا پيا وڃن. سفارتخاني موجب، 22 آڪٽوبر تي يمن جي ساموندي ڪناري ويجهو پيش آيل واقعي جا وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ جون ڪوششون جاري آهن. واضح رهي تہ هلندڙ سال جولاءِ کان حوثين ڳاڙهي سمنڊ ۾ انهن جهازن خلاف ساموندي بندش لاڳو ڪري رکي آهي، جن کي هو سعودي عرب سان لاڳاپيل قرار ڏين ٿا. حوثين جو چوڻ آهي تہ اهي پابنديون رڳو سعودي جهازن تي لاڳو آهن، جڏهن تہ ڳاڙهي سمنڊ جي ڏاکڻي داخلي رستي باب المندب ساموندي لنگهہ کي عالمي جهازراني لاءِ کليل رکيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 26

حملو ناڪام بڻائڻ ۽ 10 دهشتگردن کي مارڻ سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. هن چيو آهي تہ بلوچستان جي امن ۽ استحڪام خلاف سازشون صوبي جي عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ واري عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر مملڪت دهشتگرديءَ جي واقعي ۾ هڪ شهري جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آصف علي زرداري چيو تہ بلوچستان جي امن ۽ استحڪام خلاف سازشون صوبي جي عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي عزم کي متزلزل نٿيون ڪري سگهن صدر مملڪت چيو تہ بلوچستان جي عوام جي حقن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ امن قائم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي هن وڌيڪ چيو تہ بلوچ عورتن جي وقار کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي.

بقايا ✻✻✻ 27

تي واهپيدارن کي احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. اين سي سي آءِ اي ڪراچي زون جي ڊپٽي ڊائريڪٽر شهزاد اڪبر پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ گذريل 15 ڏينهن دوران شهرين جا واٽس ايپ، انسٽاگرام ۽ ٻين سماجي رابطن جي پليٽ فارمن جا 39 اڪائونٽ ٻيهر بحال ڪيا ويا، جڏهن تہ شهرين کي مالي نقصان پهچائڻ ۾ ملوث 95 اڪائونٽ بلاڪ ڪيا ويا آهن. هن ٻڌايو تہ جعلي سڃاڻپ ذريعي عورتن کي هراسان ڪندڙ 38 اڪائونٽن خلاف بہ ڪارروائي ڪئي وئي آهي. ڊپٽي ڊائريڪٽر واهپيدارن کي واٽس ايپ بزنس استعمال ڪندي خاص احتياط ڪرڻ جو مشورو ڏنو شهزاد اڪبر موجب، گذريل رات مليل اطلاع تي اين سي سي آءِ اي ڇاپو هنيو، جتي پهريون ڀيرو پنهنجي نوعيت جو اهڙو ڪيس سامهون آيو جنهن ۾ گهٽ عمر ٻارن کي فحش مواد جي سرگرمين ۾ ملوث ڪيو ويو هو. هن دعويٰ ڪئي تہ جرمني ۽ برطانيا سان لاڳاپيل ماڻهو ان غيرقانوني سرگرميءَ پٺيان هئا. ٻارن کان فحش وڊيوز ٺهرائڻ عيوض 100 ڊالر ڏنا ويندا هئا، جڏهن تہ ٻارن کي 6000 رپيا ملندا هئا. ڊپٽي ڊائريڪٽر ٻڌايو تہ ڊارڪ ويب سان لاڳاپيل ان ڪيس ۾ 42 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن، جن ۾ 12 گهٽ عمر جا شهري بہ شامل آهن. سندس چوڻ موجب، فدا نالي شخص کي مرڪزي ڪردار قرار ڏنو ويو آهي. جيڪو 3 ڪمپنيون هلائيندو هو جڏهن تہ ڊارڪ روم ۾ ريڊ رومز ٺاهيا ويا هئا، جتان ٻارن کي مختلف ٽاسڪ ڏنا ويندا هئا. هن وڌيڪ چيو تہ سڄي دنيا ۾ اهڙي قسم جا ڊارڪ روم موجود آهن. ان کان اڳ ڪراچي ۾ هڪ ٻار جو بہ پتو لڳايو ويو هو، جيڪو بدلو وٺڻ جو طريقو ڳولي رهيو هو، جڏهن تہ تازو 14 سالن جي هڪ ڇوڪريءَ جو بہ پتو لڳايو ويو آهي. شهزاد اڪبر چيو تہ رياست مخالف سرگرمين ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروايون جاري آهن. هن ٻڌايو تہ حمزه نالي هڪ جوابدار کي رياست مخالف الزامن تحت گذريل ڏينهن گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 28

سندن ڪوششون ناڪام بڻائي ڇڏيون. فوج جي ترجمان اداري پنهنجي بيان ۾ چيو تہ 22 آڪٽوبر تي ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم "فتنہ الهندستان" سان لاڳاپيل

مقصد پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ بدامني پکيڙڻ ۾ ڀارت جي مبينا ڪردار کي اجاگر ڪرڻ آهي. آءِ ايس پي آر موجب، انهن هنڌن کي نشانو بڻائي دهشتگرد نہ رڳو انهن ماڻهن کي نقصان پهچائڻ چاهين پيا، جن جي نمائندگي ڪرڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، پر بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽون بہ پيدا ڪرڻ چاهين پيا. علائقي جي رهواسين جي تحفظ ۽ علائقي کي دهشتگردن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز گوادر شهر ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ ڪليئرنس آپريشن شروع ڪيا. بيان ۾ چيو ويو تہ مختلف جهڙپن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جا منصوبا ناڪام بڻائي ڇڏيا ۽ رياست جي عملداري کي ڪمزور ڪرڻ توڙي پنهنجي غلط فهميءَ تي ٻڌل ايجنڊا پکيڙڻ جي سندن ڪوشش ناڪام بڻائي وئي. آءِ ايس پي آر موجب، فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ عورت دهشتگرد سميت 10 دهشتگرد مارجي ويا. دهشتگرد حملن دوران هڪ شهري شهيد ٿي ويو جڏهن تہ ڪجهہ گاڏين کي نقصان پهتو سيڪيورٽي فورسز کي ڪنهن بہ جاني نقصان کان سواءِ آپريشن مڪمل ڪيو ويو جنهن کان پوءِ علائقي ۾ امن امان ۽ رياست جي عملداري بحال ڪئي وئي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو تہ هڪ بلوچ عورت کي زبردستي حملي ۾ شامل ڪرڻ نہ رڳو رياست خلاف ڏوهہ آهي، پر بلوچ عورتن جي عزت ۽ حرمت جي بہ ڀڃڪڙي آهي. آءِ ايس پي آر موجب، اهڙي عمل مان ظاهر ٿئي ٿو تہ دهشتگرد پنهنجي پروپيگنڊا لاءِ بلوچ عورتن جو بي رحميءَ سان استعمال ڪري رهيا آهن، تہ جيئن عوام جي جذبن کي ڀڙڪائي پنهنجي مهم کي ڪوڙو تقدس ڏئي سگهن. اهڙيون حڪمت عمليون بلوچ ۽ اسلامي روايتن جي ابتڙ آهن، جن ۾ عورتن کي وڏي عزت ڏني ويندي آهي. بيان ۾ چيو ويو تہ بلوچستان جا ماڻهو مسلسل انهن عنصرن کي رد ڪندا رهيا آهن، جيڪي سندن نالي تي رت وهائين ٿا، ۽ اهي هن فريب کي بہ سمجهي ويندا. آءِ ايس پي آر چيو تہ دهشتگرديءَ خلاف مهم پوري رفتار سان جاري رهندي، سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي سرپرستيءَ ۽ مدد سان ٿيندڙ دهشتگردي ختم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهن. آءِ ايس پي آر جو اهو بيان هڪ ڏينهن ڪانپوءِ سامهون آيو، جڏهن سيڪيورٽي ذريعن چيو هو تہ گوادر ۾ هڪ غيرآباد تعميراتي ڪمپنيءَ جي ڪئمپ تي حملي جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي سيڪيورٽي فورسز ٽن دهشتگردن کي ماريو هو. گذريل ڪجهہ سالن دوران بلوچستان ۾ دهشتگرد ڪاررواين ۾ واڌ ڏسڻ ۾ آئي آهي، جنهن ڪانپوءِ سيڪيورٽي فورسز دهشتگرديءَ خلاف آپريشن تيز ڪري ڇڏيا آهن. هلندڙ هفتي جي شروعات ۾ بہ آءِ ايس پي آر چيو هو تہ بلوچستان ۾ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪيل ڪاررواين دوران فوج جو هڪ ميجر شهيد ۽ چار دهشتگرد مارجي ويا هئا. پاڪستان انسٽيٽيوٽ فار ڪانفلڪٽ اينڊ سيڪيورٽي اسٽڊيز (پڪس) جي گڏ ڪيل انگن اکرن موجب، بلوچستان ۾ دهشتگرد حملن جو انگ جولاءِ ۾ 83 مان وڌي آگسٽ ۾ 89 تي ويو، جيڪو ست سيڪڙو واڌ آهي. رپورٽ موجب، بلوچستان کي دهشتگرديءَ کان سڀ کان وڌيڪ متاثر صوبو قرار ڏنو ويو. گوادر ۾ سيڪيورٽي فورسز جي تازي ڪاررواين ڪانپوءِ صدر آصف علي زرداري دهشتگردن جون ڪوششون ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ ڪئي. صدر جي سيڪريٽريٽ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر دهشتگرديءَ جي واقعي ۾ هڪ شهري جي شهادت تي پڻ گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو بيان ۾ صدر زرداريءَ جي حوالي سان چيو ويو تہ بلوچستان ۾ امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ جون ڪوششون صوبي جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ماڻهن جي عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن. صدر بلوچستان جي ماڻهن جي حقن ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ امن جي اهميت تي زور ڏيندي چيو تہ سياسي مفادن لاءِ بلوچ عورتن جي عزت ۽ حرمت کي استعمال ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي.

بقايا ✻✻✻ 29

۾ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ منافقت ۽ ڪوڙ جي سياست کي دفن ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو تہ جماعت اسلامي ڪالهہ تائين سنڌ حڪومت تي ٽائونز کي فنڊ نہ ڏيڻ جا الزام لڳائيندي هئي، پر اڄ سنڌ حڪومت پاران فراهم ڪيل وسيلن سان مڪمل ٿيل منصوبن جو افتتاح ڪيو پيو وڃي. سنڌ حڪومت جي ترجمان وڌيڪ چيو تہ پيپلز پارٽيءَ ڪڏهن بہ سياسي وابستگيءَ جي بنياد تي ڪنهن بہ ٽائون سان امتيازي سلوڪ ناهي ڪيو. هن چيو تہ شهر جي هڪجهڙي ترقيءَ لاءِ سمورن ٽائونز کي بنا ڪنهن فرق جي فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن.

بقايا ✻✻✻ 30

چيو تہ مولانا فضل الرحمان هڪ تجربيڪار سياسي اڳواڻ آهي، جنهن ڪڏهن بہ دهشتگردن جي حمايت ناهي ڪئي. هن چيو تہ ملڪ ۾ ماضيءَ ۾ بہ گورنر راڄ لاڳو ٿيندا رهيا آهن. آئين ۾ لکيل آهي تہ صورتحال خراب ٿيڻ جي صورت ۾ اهڙا قدم کنيا وڃي سگهن ٿا. ان موقعي تي اڳوڻي ڪرڪيٽر سليم يوسف جي ڀائٽي ايمن سليم بہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو.

بقايا ✻✻✻ 31

اربند جوابدارن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران پيٽرول پمپ جي مالڪ نياز بگٽي جي قتل ۽ ڦرواري ڪيس ۾ گهربل مک جوابدار نديم علي شيخ پنهنجي ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو جڏهن تہ سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس پريس رليز موجب، ڪجهہ ڏينهن اڳ ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ۾ جوابدار جي نشاندهي تي نياز بگٽي جي قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل ۽ هٿوڙو هٿ ڪيو ويو هو خميس ڏينهن ساڳئي جوابدار جي نشاندهي تي قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس پارٽي روانو ٿي هئي. واپسي دوران پير مسافر رنگ روڊ پرسان گهات لڳائي ويٺل ٽن هٿياربند جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس موجب، مقابلي دوران جوابدارن جي فائرنگ سبب نديم علي شيخ پنهنجن ئي ساٿين جون گوليون لڳڻ ڪري مارجي ويو. جڏهن تہ فائرنگ ڪندڙ ٻيا جوابدار فرار ٿي ويا. مارجي ويل جوابدار جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس پاران سرچ آپريشن جاري آهي. نياز بگٽي قتل ڪيس جا تفصيل پوليس موجب، 27 اپريل 2026 ع تي نديم علي شيخ پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ

فرار ٿي ويو هو ايس ايس پي سکر احمد چوڌري موجب، مارجي ويل جوابدار نياز بگٽي جي قتل ۽ ڦر سميت ڪيترين ئي سنگين وارداتن ۾ ملوث هو جوابدار جو وڌيڪ ڏوهي رڪارڊ مختلف ٿاڻن ۽ ٻين ضلعن مان حاصل ڪيو پيو وڃي. جوابدار جو ڏوهي رڪارڊ پوليس پريس رليز ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مارجي ويل جوابدار خلاف ڪراچي جي ڪورنگي، گلستان جوهر، فيروزآباد ۽ عزيزآباد ٿاڻن سميت سکر ۽ گهوٽڪي جي ٿاڻن ۾ بہ مختلف ڪيس داخل هئا، جن ۾ قتل، قتل جي ڪوشش، ڦر هٿيارن جي قانون جي ڀڃڪڙي، پوليس تي حملي ۽ ٻين ڏوهن جا قلم شامل آهن. پوليس موجب، فرار جوابدارن جي گرفتاري ۽ وڌيڪ جاچ لاءِ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا ✻✻✻ 32

تہ ٻيو سخت زخمي ٿي پيو. پوليس موجب حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ عرفان علي طور ٿي آهي. فوتي جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن تہ زخمي کي شروعاتي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهہ جي اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب حادثي ۾ ملوث ٽرالر کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي، جڏهن تہ ان جو ڊرائيور واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا ✻✻✻ 33

رن جو چوڻ آهي تہ هلندڙ سال ڦڦڙن ۽ ساهہ جي رستي کي متاثر ڪندڙ فلو کان بچاءَ جي سئي مارڪيٽ ۾ نہ آئي آهي. هنن ٻڌايو تہ چين جي هڪ ڪمپنيءَ جي تيار ڪيل فلو کان بچاءَ واري سئي مارڪيٽ ۾ آئي آهي، پر چين مان ايندڙ ان سئيءَ جي فراهمي بہ انتهائي گهٽ آهي، جنهن سبب 1200 رپين واري سئيءَ جي قيمت وڌي 1640 رپيا ٿي وئي آهي. طبي دڪاندارن موجب، وڏيءَ عمر وارن ماڻهن کي فلو کان بچاءَ جي سئي سيپٽمبر مهيني ۾ لڳرائي ويندي آهي. هن سئيءَ سان مريضن ۽ وڏيءَ عمر وارن ماڻهن جي بيمارين سان مقابلو ڪرڻ جي سگهہ وڌائڻ ۾ مدد ملي ٿي.

بقايا ✻✻✻ 34

ماني، ڪپڙي ۽ اجهي جا دعويدار حڪمران عوام کان عزت سان زندگي گذارڻ جو حق ۽ ٻن ويلن جي ماني بہ کسي چڪا آهن. مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ حڪومتي نااهلي عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي، جڏهن تہ حڪمران عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪا آهن. جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب علامہ سومرو چيو تہ سنڌ ۾ ميرٽ جو جنازو نڪري چڪو آهي، پڙهيل لکيل نوجوان روزگار لاءِ دربدر ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن، جڏهن تہ ميرٽ جي بنياد تي نوڪريون فراهم نہ پيون ڪيون وڃن. صوبي ۾ امن امان جي صورتحال قيام جون ڳالهيون ڪري سنڌ جي عوام ۾ وڌيڪ بيچيني پيدا ڪئي پئي وڃي. سنڌ جي مجموعي صورتحال انتهائي خوم رکيو پيو وڃي. علامہ سومرو چيو تہ گذريل 78 سالن کان سنڌ کي لٽيندڙ ۽ عوام کي محرومين جي ڌٻڻ ۾ ڌڪيندڙ حڪمرانن مان نجات حاصل ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. سنڌ جي عوام کي هاڻي پنهنجي قيادت تبديل ڪرڻي پوندي، جيئن سندن بنيادي مسئلا حل ٿي سگهن ۽ کين حقيقي حق حاصل ٿي سگهن. هن اعلان ڪيو تہ 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027 ع تي سکر ۾ هڪ تاريخي انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ ان شاءَ الله 50 لک کان وڌيڪ عوام شرڪت ڪندو هن چيو تہ هي عظيم الشان اجتماع سنڌ جي عوام جي حقن، صوبي جي روشن مستقبل ۽ اسلامي توڙي ديني تشخص جي تحفظ لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندو هن چيو تہ سکر جي تاريخي اجتماع ۾ سنڌ جو عوام نہ رڳو پنهنجي مستقبل جو فيصلو ٻڌائيندو پر نااهل ۽ نالائق حڪمرانن جي اقتدار جو سياسي جنازو بہ ڪڍندو هاڻي سنڌ جو عوام وڌيڪ ظلم، ناانصافي، محروميون ۽ حڪومتي ناڪاميون برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

بقايا ✻✻✻ 35

مير رضا علي جي زندگيءَ جا آخري 5 ڪلاڪ ۽ 14 منٽ ڪيترن ئي اڻسلجهيل واقعن سان ڀريل آهن. ايڪسپريس ٽربيون ۾ شايع ٿيل رپورٽ موجب موبائل فون جي فرانزڪ جاچ ذريعي 28 جولاءِ تي گم ٿيڻ کان اڳ وارن ڪلاڪن ۾ سندس اچ وڃ ۽ رابطن جي تفصيلن کي گڏ ڪري هڪ ٽائيم لائن تيار ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سندس آخري ڄاتل سرگرمين جو منٽ بہ منٽ احوال ڏنو ويو آهي. واقعن جو سلسلو 27 جولاءِ جي رات دير سان مير رضا ۽ سندس دوستن جي وچ ۾ فون ڪالن سان شروع ٿيو رات 11:24 وڳي سندس دوست رازق کيس فون ڪيو، جيڪا ڪال 30 سيڪنڊ جاري رهي. ڇهہ منٽ پوءِ مير رضا احمد پردي کي فون ڪيو ٻنهي وچ ۾ رات 11:39 وڳي ٻيهر ڳالهہ ٻولهہ ٿي، جيڪا رازق پاران مير رضا کي ٻيهر فون ڪرڻ کان هڪ منٽ پوءِ ٿي. رات 11:43 وڳي رازق جي هڪ ٻي ڪال آئي، پر اها رڳو ٻن سيڪنڊن تائين جاري رهي. رات 11:49 وڳي مير رضا پنهنجي دوست سارم بن طاهر کي فون ڪيو جنهن سان سندس 168 سيڪنڊ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ٽن منٽن کان پوءِ هن سارم کي واٽس ايپ تي پيغام موڪلي 3 ڪروڙ رپيا گهريا. پيغام ۾ هن اهو بہ لکيو تہ صبح جو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، جنهن لاءِ هو تيار نہ هو دستياب ٽائيم لائن مان اهو واضح نٿو ٿئي تہ سندس ان پيغام مان ڪهڙو مطلب هو رات لڳ ڀڳ ڏيڍ وڳي مير رضا ۽ رازق غفار ڪباب هائوس ۾ ماني کاڌي، جنهن کان پوءِ فون ڪالن جو سلسلو ٻيهر شروع ٿيو رات 2:13 وڳي مير رضا علي جماڻي کي فون ڪيو، جنهن ٽن منٽن کان پوءِ کيس واپس ڪال ڪئي. ٻنهي جون ڳالهيون ترتيبوار 42 ۽ 75 سيڪنڊ جاري رهيون. رات 2:23 وڳي مير رضا کي سندس ڪاروباري ڀائيوار عبدالله پردي جي ڪال آئي. ٻنهي وچ ۾ 201 سيڪنڊ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ان کان پوءِ، رات لڳ ڀڳ 3 وڳي هڪ ٻيو واقعو سامهون آيو: مير رضا جا سوشل ميڊيا اڪائونٽ بند ٿيڻ شروع ٿي ويا. سندس مڱيندي سلوا خان اڪائونٽن جي غائب ٿيڻ جو نوٽيس ورتو ۽ واٽس ايپ ڪالن ۽ پيغامن ذريعي ساڻس رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽائيم لائن موجب، کيس صبح 3:58 وڳي تائين مير رضا طرفان ڪو جواب نہ مليو ان وقت تائين مير رضا

بقايا عوامي سوچ 01

آفيسرن پاران خالي جاين، ڀرتين جي صورتحال ۽ رهيل جاين بابت بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد چيو ته سنڌ حڪومت پاران نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ سرڪاري ڀرتين جي عمل کي وڌيڪ آسان شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل بڻائڻ لاءِ سنڌ جاب پورٽل متعارف ڪرايو ويو آهي جنهن ذريعي اميدوارن کي مختلف سرڪاري کاتن ۾ موجود خالي جاين بابت هڪ ئي پليٽ فارم تي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ آن لائين درخواستون جمع ڪرائڻ جي سهولت ميسر ٿي رهي آهي هن چيو ته سنڌ جاب پورٽل جو مقصد نوڪري حاصل ڪرڻ جي خواهشمند نوجوانن کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي سهولت فراهم ڪرڻ ڀرتين جي عمل ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ اهل اميدوارن کي سندن قابليت ۽ اهليت مطابق روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن نوجوانن کي مختلف کاتن جي نوڪرين لاءِ الڳ الڳ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ميٽرڪ، انٽرميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ اسڪريننگ ٽيسٽ دوران 40 يا ان کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوار پنهنجي تعليمي قابليت ۽ اهليت مطابق موجود خالي جاين لاءِ درخواستون جمع ڪرائي رهيا آهن هن واضح ڪيو ته ڀرتين جو عمل لاڳاپيل قانونن مقرر ڪيل ضابطن ۽ ميرٽ جي اصولن تحت مڪمل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته اڄوڪي گڏجاڻي ۾ مختلف کاتن جي رهيل خالي جاين جا تفصيل حاصل ڪيا پيا وڃن ته جيئن انهن جاين بابت ضروري ڪارروائي مڪمل ڪري ضابطن موجب وڌيڪ اشتهار جاري ڪيا وڃن ۽ اهل نوجوانن کي سرڪاري ملازمتن جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي کاتن ۾ خالي پيل جاين جا مڪمل ۽ درست تفصيل پيش ڪن جيئن ڀرتين جي عمل ۾ دير کان بچي سگهجي ۽ نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ حڪومتي ڪوشش کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي گڏجاڻي ۾ صحت تعليم اطلاعات روينيو ايجوڪيشن ورڪس آبپاشي زراعت ڊرينيج ورڪس اينڊ سروسز روڊ ۽ بلڊنگ لوڪل گورنمينٽ سوشل ويلفيئر پيلو راندين لائيو اسٽاڪ ۽ ايڪسائيز سميت مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي پنهنجي کاتن ۾ خالي جاين بابت تفصيل پيش ڪيا

بقايا عوامي سوچ 02

حد سومرو پ پ اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ، پ پ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، سينئر صحافي رمضان ميمڻ، محبوب بروهي، غفور پليپوٽو، ملڪ صديق، امتياز ميمڻ ۽ ٻين شخصيتن شرڪت ڪري سرويچ سجاوليءَ جي ادبي ۽ قومي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي. ان موقعي تي فقير خالد حسن پٽي، شازيه ماروي، خوشبو لغاري، نورحسن ناز، شاهي خاصخيلي ۽ سچڻ سرائي سميت ناميارا فنڪار سندس انقلابي شاعري ڳائي خراج عقيدت پيش ڪندا. مقررين چيو ته سرويچ سجاوليءَ جي شاعري سنڌ سان محبت، قومي شعور، عوامي حقن ۽ آزاديءَ جو پيغام آهي، جيڪا اڄ به عوامي جدوجهد لاءِ اتساهه جو سبب بڻيل آهي. سندس ڪتاب "آليون اکيون اڻيا وار" سنڌي ادب ۾ اهم مقام رکي ٿو ورسيءَ جي موقعي تي سندس فڪر، فن ۽ قومي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي پئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 03

جا ڳوٺاڻا شهرن کان رستي جي سهوليت کان ڪٽجي ڪري سخت پريشان ٿي ويا آهن. جيڪي وڏا، وڏا ڦيرا ڪري ميرپور ساڪرو شهر سميت ٻين ننڍن وڏن شهرن تائين پهچن ٿا. جنهن ڪري کين سخت مشڪلاتن پيش اچي رهيون آهن. پر اڃان تائين ضلعي انتظاميه توڙي نمائندن کوبه تحرڪ نه ورتو. هتان جي رهواسين محمد حاجي عبدالڪريم شورو ۽ ٻين سمورن وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته فوري نوٽيس وٺي ٽٽي ويل پل جي ٻيهر نئين سر تعمير يا مرمت ڪرائي رهواسين کي سفري بهتر سهولتون مهيا ڪري پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 04

ي نانگ جي ڏنگ جي زهر کي ختم ڪرڻ واري ويڪسين نه ملڻ ڪري جهمپير واسي ممتاز بارچ جي پائٽي اسپتال ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويئي، جنهن جو لاش جهمپير ويجهو ڳوٺ گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، فوتي نياڻي جي وارثن ڊي سي ٺٽو، صحت کاتي سميت سمورن وس وارن کان نوٽيس وٺي ويڪسين موجود رکي وڌيڪ جانيون ضايع ٿيڻ کان بچائڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 05

ي قاسائڻ وارن غيرقانوني لڳايل وانجهارن خلاف آپريشن جاري ڪندي وڏي تعداد ۾ رڇ هٽ ڪري انهن کي ان موقعي تي ئي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو. جڏهن ته رڇ هڻندڙ شڪاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. صحافين ۽ اسانجي نمائندي محمد ايوب ملاح سان ڳالهائيندي وائلڊ لائيف کاتي ضلعي ٺٽي جي گيم انسپيڪٽر سيد علي شاهه چيو ته مهمان پکين جي نسل ڪشي توڙي غير قانوني شڪار ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. هن عمل ۾ جيڪو به ڏوهي ملوث هوندو ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ان ڪري شڪارين کي گهرجي ته مهمان پکين جو شڪار ڪرڻ کان پاسو ڪري انهن جي تحفظ لاءِ قدم کڻن. جيئن انهن پکين جي تحفظ کي يقيني بڻائي انهن جي ٿيندڙ نسل ڪشي کي روڪي شڪارين خلاف سخت ڪاروايون ڪري سگهجن. جنهن لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا عوامي سوچ 06

صحت آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ڊيوٽي دوران لاڏاڻو ڪري ويل پوليو ورڪر عبدالقيوم درس جي گهر پهچي سندس بيواهه شهناز درس سان ملاقات ڪئي ۽ سنڌ حڪومت پاران معاوضي جو چيڪ سندس حوالي ڪيو ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر- II وليد احمد ڊاوچ ۽ ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري جي خاتمي لاءِ قومي فرض سرانجام ڏيندي پنهنجي جان قربان ڪندڙ پوليو ورڪر کي ڀيٽا پيش ڪئي.

هنن چيو ته پوليو ورڪرز ٻارن کي سڄي عمر جي معذوري کان محفوظ رکڻ ۽ ملڪ مان پوليو جي خاتمي لاءِ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته پوليو ورڪر عبدالقيوم درس جو ڊيوٽي دوران لاڏاڻو هڪ انتهائي افسوسناڪ سانحو آهي، سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 07

روگرام تحت ضلعي جي غيرفعال ٽن صحت مرڪزن کي 15 ڏينهن اندر ٻيهر فعال ڪري گهربل عملي جي ڀرتين وارو عمل مڪمل ڪيو وڃي. هن ايندڙ ضلعي رابطي واري ڪميٽي (DCC) جي اجلاس کان اڳ سمورن صحت مرڪزن جي بحالي يقيني بڻائڻ ۽ اڳيرائي بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو اهڙيون هدايتون هن پنهنجي آفيس ۾ ممتا پروگرام جي ضلعي رابطي واري ڪميٽيءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڏنيون. اجلاس دوران پروگرام جي مجموعي ڪارڪردگي، هن وقت تائين حاصل ڪيل ڪاميابين، عملدرآمد جي صورتحال ۽ پيش ايندڙ مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ضلعي ڪوآرڊينيٽر زوهيب ڪاڪا ضلعي ۾ ممتا پروگرام جي ڪارڪردگي، اهم ڪاميابين ۽ انتظامي توڙي عملي مسئلن بابت بريفنگ ڏني. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر- I عمران الحق ڪمزور ۽ مستحق طبقن جي مدد لاءِ ممتا پروگرام جي ڪوشش کي ساراهيندي مرف (MERF) ۽ پي پي ايڇ آءِ جي ٽيمن کي هدايت ڪئي ته غيرفعال ٽن ئي صحت مرڪزن کي فوري طور بحال ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ گهربل عملي جون ڀرتيون مقرر مدي اندر مڪمل ڪيون وڃن. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته فيلڊ سطح تي غيرقانوني ڪٽوتين جا واقعا سامهون اچڻ تي فوري طور لاڳاپيل اختيارين کي آگاهه ڪيو وڃي ۽ اهڙي عمل ۾ ملوث ايجنٽن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. اجلاس ۾ ڊي ايم پي پي ايڇ آءِ ارجيل ميمڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نياز ميمڻ، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر آر ايم اين سي ايڇ ڊاڪٽر ريحانه، ايم اين سي ايڇ مرف ڊاڪٽر فائز نظير، ايم اين سي ايڇ پي پي ايڇ آءِ ڊاڪٽر عائشه، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ، ڊسٽرڪٽ پروگرام آفيسر آغا خان، مرف آئوٽ ريچ مينيجر طارق ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 08

۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب جو بنيادي مقصد نمڪ بازار جي نئين چونڊيل قيادت جي آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي پليٽ فارم تي شموليت جو اعلان، واپارين جي گڏيل آواز کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ ننڍن واپارين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ متحد ۽ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ هو تقريب ۾ نمڪ بازار جي نئين چونڊيل صدر عبيد قريشي ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالله شيخ عزم ظاهر ڪيو ته واپارين جي بقا کي مضبوط ڪرڻ، انهن جي جائز حقن جو تحفظ ڪرڻ ۽ ڪاروباري مسئلن جي حل لاءِ مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ وين ائلائنس جو بنيادي مقصد آهي. انهن واضح ڪيو ته نمڪ بازار لياقت چوڪ ايسوسيئيشن آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي باني ۽ اڳواڻ حاجي محمد هارون ميمڻ جي قيادت تي مڪمل اعتماد رکي ٿي ۽ هن پليٽ فارم ۾ شموليت سان واپارين جي تحريڪ کي وڌيڪ طاقت ملندي. تقريب ۾ واپاري برادري طرفان مڪمل حمايت ظاهر ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ فضا "حاجي هارون زنده باد" ۽ "آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز پائنده باد" جي نعرن سان گونججي اٿي. هن موقعي تي آل سکر اسمال ٽريڊرز جي چيئرمين چاچا گلزار پٽو، صدر نعيم بدر قريشي ۽ جنرل سيڪريٽري جنيد شيخ وين ائلائنس ايسوسيئيشن جي شموليت کي خوش آئيند قرار ڏيندي چيو ته ننڍن واپارين ۽ ڪاٽيج انڊسٽريز جي مضبوطي لاءِ متحد ٿيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. انهن چيو ته آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز باني ۽ اڳواڻ حاجي محمد هارون ميمڻ جي سرپرستي ۾ واپاري برادري جي جائز حقن جي تحفظ، ڪاروباري مسئلن جي حل ۽ گڏيل آواز جي مؤثر نمائندگي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي ۽ اڳتي به ڪندي رهندي. تقريب کي آل سکر اسمال ٽريڊرز جي سينئر نائب صدر فياض خان، ٻئي نائب صدر عبدالرشيد قريشي، سيڪو ڪميٽي جي چيئرمين ڪاشف فاروق جهنڊا ميمڻ، ايف بي آر ڪميٽي جي چيئرمين سيد يعقوب اجميري، ڪريانا بازار جي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري فيصل گگناني، نيم ڪي ڇاڙي جي صدر شاهد خان، غريب آباد جي جنرل سيڪريٽري خليل قادري ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته واپارين جي يڪجهتي سان ئي مسئلن جو پائيدار حل ممڪن آهي ۽ نمڪ بازار جي نئين چونڊيل قيادت جي شموليت سان تحريڪ کي وڌيڪ طاقت ملندي. تقريب ۾ واپاري برادري جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ۽ قيادت تي اعتماد ظاهر ڪندي هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو

بقايا عوامي سوچ 09

ٻئين ڏينهن به پرجوش ۽ جذبي سان جاري رهيو، جتي مختلف راندين جي مقابلن ۽ تفريحي سرگرمين ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي دلچسپي جو مظاهرو ڪيو. ميلو منعقد ڪرڻ تي علائقي واسين پاران خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي ان کي ڪچي جي ماڻهن لاءِ هڪ مثبت ۽ ساراهه جوڳو قدم قرار ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جو چوڻ آهي ته راندين ۽ تفريحي سرگرمين سان نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ، سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سماجي رابطن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ملندي. اهڙن پروگرامن ذريعي علائقي جو مثبت تشخص اجاگر ڪرڻ سان گڏ امن ۽ هم آهنگي جو پيغام پڻ عام ڪري سگهجي ٿو. ايس ايس پي محمد انور کيتران جو چوڻ آهي ميلي جو هڪ ڏينهن عورتن ۽ ٻارن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد کين محفوظ ۽ خوشگوار ماحول ۾ تفريح جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي ته ان سلسلي ۾ کين ميلي تائين پهچائڻ لاءِ گاڏيون به فراهم ڪيون وينديون ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ۽ ايس ايس پي محمد انور کيتران جي ڀرپور تعاون سان ڪچي ۾ شاندار ميلو منعقد ڪيو ويو آهي جتي پنجاب سميت سنڌ جي مختلف علائقن جا رانديگر حصو وٺي رهيا آهن. هن ٻڌايو ته ميلي جي اختتامي تقريب دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ رانديگرن ۾ انعام، شيلڊون ۽ مڊل ورهايا ويندا

بقايا عوامي سوچ 10

موجب محڪمه روينيو محرابپور ۾ تپيدارن پاران مبينه اختيارات جو ناجائز استعمال رشوت وٺڻ زمين جي رڪارڊ ۾ ضابطگين متعلق شڪايتون سامهون اچڻ لڳيون آهن شهرين طرفان الزام عائد ڪيو ويو آهي ته هڪ ئي زمين جون ٽي ٽي فوتيون جاري ڪيون ويون آهن جڏهن ته هڪ معاملي ۾ مبينه طور تي 6لک رپيا وصول ڪرڻ جي دعوا پڻ ڪئي وئي آهي انهن الزامن جي جاچ ٿيڻ باقي آهي ذريعن موجب زمين جي فوتي رڪارڊ جي درستگي ۽ ٻين روينيو امورجي سلسلي ۾ مبينه طور تي ناجائز رقم وصول ڪئي ويندي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته مبينه طور تي رشوت نه ڏيڻ وارن کي بار بار دفتر جا چڪر لڳائڻا پون ٿا جائز ڪم ڪرائڻ وارن جو سالن ۾ به ڪم نٿو ٿئي جنهن سبب انهن کي مالي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو عوامي حلقن ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز اسسٽنٽ ڪمشنر محرابپور ۽ روينيو جي اعلا حڪام کان مطالبو ڪيو آهي ته مبينه ضابطگين جو نوٽس وٺي زمين جو رڪارڊ جاري ڪيل فوتيون ۽ مبينه مالي لين دين جي شفاف طريقي سان جاچ ڪئي وڃي الزام ثابت ٿيڻ تي زميوارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي يا خبر ذريعن موجب 9 اسڪيل جا اهڙا ملازم جن ماهاني جي پگهار تقريبن 50 هزار رپيا آهي ان جي وٽ ڪروڙن جون جا اثاثا زرعي زمين لگزري گاڏيون بنگلا ڊي ايڇ اي جا فليٽ ۽ مهانگيون گاڏيون موجود آهن انهن ذريعن جي آمدني ۽ اثاثن جي متعلقا ادارن ان حوالي سان جاچ ڪرائي وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

ن پائر غربت ۽ بيروزگاري سبب علاج نه ٿيڻ ۽ مالي مدد نه ملڻ سبب تڙپي تڙپي فوت ٿي ويا گهر ۾ روڄ راڙو مٽل گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل گهوٽڪي چيئرمين صنعتي ادارن جي انتظاميه ۽ ڊي ايڇ او هيلٿ گهوٽڪي سميت سوشل ميڊيا تي غريب عوام جي خدمت جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪندڙ فلاحي تنظيمن جي اڳواڻن جون دعوائون ڊوڙ تفصيل موجب صنعتي ادارن سان مالا مال گهوٽڪي ضلعي جي شهر يارو لنڊ ويجهو پير پڪوڙي لعل جي ريگستاني علائقي ۾ رهندڙ پورهيت مورڙو محمداڻي جا ٻه جوان پٽ گڏدن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ بعد سندس علاج جي سگهه نه هجڻ ڪري گهر ۾ ئي بغير علاج جي تڙپي تڙپي دم ڏئي ويا حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانيل آهي ان سلسلي ۾ علائقي واسين ۽ وارثن جو چوڻ هو ته ڊي ايڇ او گهوٽڪي راڻو آفتاب ضلع ڪائونسل چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي فلاحي تنظيمن جي اڳواڻن سميت سالار ڪربين روپيا منافعو ڪمائيندڙ ماڙي پيٽروليم گيس ڪمپني اينگرو يوريا ۽ ٻين صنعتي ادارن جي انتظاميه گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن کي پندرهن مهينن تائين منتون ڪندو رهيس پر ڪوبه ڪرتيل نه نڪتو جنهن سبب منهنجا ٻچڙا سائين بخش عمر 24 سال ۽ ٻيو اشرف علي محمداڻي تڙپي تڙپي اکين جي آڏو فوت ٿي ويا آهن فوتين جي وارث والد مورڙو محمداڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته پنهنجي پٽن جي علاج لاءِ در در تي زندگيءَ جي خيرات گهري. اکين مان لڙڪ لاڙيندي ڊي سي گهوٽڪ چونڊيل نمائندن سميت هر سال ڪروڙين روپين جي بجيت کي رهڙو ڏيندڙ ڊي ايڇ او گهوٽڪي راڻو آفتاب ۽ مخير حضرات کي مدد جي اپيل ڪئي پر ڪنهن مدد نه ڪئي هنن صنعتي ادارن جي انتظاميه گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته خدا را اگر فوٽو سيشنن مان فارغ ٿين ته غريبن جي به سار لهن ته جيئن ٻيهر ڪنهن غريب جا جوان پٽ علاج کان بغير تڙپي تڙپي مرڻ کان بچي سگهن

بقايا عوامي سوچ 12

ٺ هيتم خان جتوئي جا رهواسي 4 ڄڻا سردار ولد ياسين جتوئي، سالار ولد جنسار جتوئي، معصوم شاهده جتوئي ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا آهن. سمورن زخمين کي ترت علاج لاءِ اولڊ سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو آهي. جتي کين طبي امداد ڏني پئي وڃي. ٻئي طرف موٽرسائيڪل تي سوار نامعلوم ماڻهو موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

بقايا عوامي سوچ 13

واڌ خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪندي علامتي بک هڙتال تي احتجاجي مظاهرين پلي ڪارڊ کڻي ويٺا. اڳواڻن ڊاڪٽر جبار ٻبر، غلام حسين لنڊ، ڪاشف چانڊيو، نبي بخش هاليپوٽو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ هٽرادو مهانگائي سبب غريب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ڪري ڇڏيو آهي. سرڪاري سطح تي مهانگائي گهٽائڻ جا رڳو دلاسا ۽ دعوائون آهن. جڏهن ته عملي طور تي ماڻهو فاقاڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن. هنن چيو ته اٽي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ مهانگائي سبب غريب خاندان هينئر معصوم ٻارڙن کي وڪڻڻ جهڙن انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. هنن اعليٰ اختيارين ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته هٽرادو مهانگائي ڪندڙ ذخيري اندوزن ۽ منافعي خورن خلاف ترت ۽ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ۽ سستو اٽو ۽ بنيادي خوراڪ جون شيون سستي اگهن تي فراهم ڪري عوام کي فوري طور رليف ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 14

ڪريٽري گهرو کاتو سنڌ محمد اقبال ميمڻ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. جڏهن ته سمپوزيم جي صدارت ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ڪئي. سمپوزيم ۾ سڄي سنڌ مان ايڊيشنل ڪنٽرولرز آف سول ڊفينس، انسٽرڪٽرز ۽ ڊپٽي چيف وارڊنز آف سول ڊفينس وارڊن سروس شرڪت ڪئي. سمپوزيم دوران، انٽرنيشنل ٽرينر ڊاڪٽر محمد عمران تاج فائر سيفٽي جي اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز (ايس او پيز) تي هڪ جامع ۽ معلوماتي ليڪچر ڏنو. جڏهن ته جسٽس آف دي پيس ايڊووڪيٽ نديم اي شيخ پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي چيف وارڊن آف سول ڊفينس وارڊن سروس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان پڻ ليڪچر ڏنو ۽ بهترين ڪارڪردگي جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو کاتو سنڌ محمد اقبال ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ سول ڊفينس وارڊن سروس جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ ۽ ان کي اثرائتو بڻائڻ ۾ ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري جو ڪردار ساراهه جوڳو ۽ فخر جوڳو آهي. هن چيو ته سول ڊفينس وارڊن سروس سکر پنهنجي عملي خدمتن ۽ بهترين ڪارڪردگي ذريعي پنهنجو نالو ناهيو آهي. سڄي سنڌ ۾ ڪاروباري برادري جي تعاون سان، مارڪيٽن ۽ ڪمرشل مرڪزن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز تي عمل درآمد کي يقيني بڻايو ويندو، ته جيئن باهه جي واقعن کي روڪيو وڃي ۽ انساني جانين ۽ ملڪيت جي حفاظت کي ممڪن بڻائي سگهجي. سمپوزيم دوران، ڊاڪٽر سعيد اعوان جي درخواست تي، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو کاتو سنڌ محمد اقبال ميمڻ سکر ۾ پڻ هڪ معياري ۽ اثرائتي سمپوزيم جي انعقاد ۾ شرڪت جي دعوت قبول ڪئي. جنهن کي سول ڊفينس وارڊن سروس سکر لاءِ هڪ اهم ترقي قرار ڏنو پيو وڃي. سمپوزيم جو بنيادي مقصد باهه جي حفاظت بابت شعور اجاگر ڪرڻ، حفاظتي ضابطن تي عمل درآمد کي فروغ ڏيڻ ۽ سول ڊفينس جي ادارتي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ هو. شرڪت ڪندڙن محفوظ مارڪيٽن، محفوظ ادارن ۽ هڪ محفوظ سنڌ جي قيام لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 15

جو مطالبو ڪلوئي يونين ڪائونسل ۾ BISP سروي جي نالي تي غريب عورتن جون ڌانهون وڏي ويون آهن. متاثر عورتن جي وارثن يونين ڪائونسل ۾ مقرر سروي ڪندڙ ٻنهي شخصن شيول ۽ ڪشور خلاف فوري قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. وارثن ڌانهيندي چيو آهي ته شيول ۽ ڪشور مبينا طور تي غريب عورتن کان سروي جي نالي تي رشوت وٺي رهيا آهن. سفارش ۽ رشوت نه ڏيندڙ عورتن کي سروي ڏينهن تتل ڪاڙهي ۾ ٻاهر دربدر ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته پئسا ڏيندڙ عورتن جو ڪم فوري طور ڪري انهن کي عزت سان اندر ويهاريو وڃي ٿو. متاثرن جو چوڻ آهي ته ڏورانهن علائقن کان ايندڙ مسڪين عورتون صبح کان شام تائين قطارن ۾ بيٺل رهن ٿيون. پر سندن ڪوبه ٻڌڻ وارو ناهي. علائقي واسين ڊي سي ٿرپارڪر ۽ BISP جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪلوئي يونين ڪائونسل ۾ ٿيندڙ مبينا رشوت ستاني جو فوري نوٽيس وٺي شيول ۽ ڪشور خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري غريب ۽ مسڪين عورتن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 16

ولد رياض احمد پنهور ڊرامائي انداز ۾ پاٽمرادو گهر واپس پهچي ويو، جنهن ڪانپوءِ گهر ڀاتين ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ وارثن سکون جو ساهه کنيو. تفصيل موجب دادو شهر جي قائم ننگر ڪالوني جو رهواسي ستين ڪلاس جو شاگرد طفيل احمد لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويو هو. جنهن سبب سندس پورهيت والد رياض احمد پنهور ۽ امڙ سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا هئا. معصوم پٽ جي گمشدگيءَ خلاف والدين پنهنجي ٻين معصوم ٻارڙن سميت احتجاج پڻ ڪيو هو ۽ لاڳاپيل اختيارين کان پٽ جي جلد بازيابيءَ جو مطالبو ڪيو هو. هڪ مهيني تائين پٽ جي واپسيءَ لاءِ پريشان رهندڙ وارثن لاءِ ان وقت خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي، جڏهن طفيل احمد اوچتو پاٽمرادو گهر پهچي ويو. وارثن موجب طفيل احمد گهمڻ ڦرڻ لاءِ ڪراچي ويو هو ۽ اخبارن ۾ پنهنجي گمشدگيءَ جون خبرون ڇپجڻ ڪانپوءِ واپس گهر موٽي آيو. هوڏانهن پوليس پاران شاگرد جي گمشدگي ۽ گهر واپسيءَ واري واقعي بابت جاچ جاري آهي. جيئن واقعي جا اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 17

حسين وساڻ رپورٽ موجب ڪنب جي ڪاروباري شخصيت زاهد حسين وساڻ زمين تي قبضي جي ڪوشش بابت سوشل ميڊيا تي لڳايل الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته ڪوٽڏيجي واسي نوڪر حسين شاهه پاران مٿس زمين تي قبضي جي ڪوشش جا الزام لڳايا پيا وڃن. جيڪي حقيقتن جي ابتڙ آهن. ميڊيا سان ڳالهائيندي زاهد حسين وساڻ چيو ته لڳ ڀڳ 23 کان 25 سال اڳ سندس والد نياز حسين وساڻ، سيد نوڪر شاهه ۽ سندس خاندان کان زمين خريد ڪئي هئي، جنهن جا سمورا قانوني دستاويز ۽ روينيو کاتي جو رڪارڊ سندن وٽ موجود آهن. هن چيو ته نوڪر شاهه جي پٽن جي زمين اڄ به سندن زمين سان گڏ آهي، جتي هو ڀاڱ پوک ڪن ٿا ۽ فصل حاصل ڪن ٿا، پر نه انهن کي ساڻن ڪو اعتراض رهيو آهي ۽ نه ئي هنن ڪڏهن نوڪر شاهه جي پٽن جي زمين تي اعتراض ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته نوڪر شاهه جي خاندان پاران ڪجهه زمين ٻين ماڻهن کي پڻ وڪرو ڪئي وئي آهي. زاهد حسين وساڻ موجب، نوڪر شاهه اڳ ۾ به زمين بابت عدالتن ۾ ڪيس داخل ڪرايا هئا. جڏهن ته سندس دعويٰ آهي ته سول ڪورٽ ۽ روينيو ڪورٽ مان فيصلا سندن حق ۾ آيا آهن. ان کان علاوه ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ ڪمشنر سکر وٽان به زمين بابت سندن حق ۾ فيصلا ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. هن چيو ته بنا جواز قبضي جا الزام لڳائڻ سان سندس ساک کي نقصان پهچي رهيو آهي. زاهد حسين وساڻ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته زمين واري معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 18

جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پر ان باوجود ضلعي جي مختلف علائقن، خاص طور مٺي شهر ۾ غيرقانوني طور مٺي گٽن تان شراب جو وڪرو ٿي رهيو آهي مقامي ماڻهن جي دعوائن موجب، مٺي شهر جي ڏرماني ڪالوني، باءِ پاس، پاڙها ڪالوني ۽ ماروي گرائونڊ پرسان جيل جي ويجهو مبينا طور غيرقانوني شراب وڪرو ٿي رهيو آهي. شهر جي مختلف پاڙن ۾ غير قانوني وڪرو ٿيندڙ شراب کي فوري طور بند ڪري نوجوان نسل کي نشي کان بچايو وڃي. رهائشي پاڙن ۾ سرعام شراب جو وڪرو گهٽيءَ جو سبب بڻجي رهيون آهي. چاڪاڻ ته انهن علائقن ۾ آبادي سان گڏوگڏ اسڪولن ۽ سرڪاري آفيسون پڻ موجود آهن. رهائشي علائقن ۾ سرعام شراب جي مبينا وڪري سبب نوجوانن ۽ شاگردن تي ناڪاري اثر پوڻ سان گڏ پاڙن جو ماحول پڻ متاثر ٿي رهيو آهي. ايس ايس پي ٿرپارڪر کي غير قانوني شراب وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪجي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 19

سان ظلم ۽ غريب طبقي تي اضافي معاشي بار آهي، جنهن کي پاڪستان جا غريب ۽ مظلوم عوام رد ڪن ٿا. حڪومت عوام تي نوان نوان ٽيڪس لاڳو ڪرڻ بدران پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ليوي فوري طور ختم ڪري ۽ مهانگائي کان پريشان عوام کي حقيقي رليف فراهم ڪري. جماعت اسلامي جي احتجاجي تحريڪ جاري آهي ۽ مطالبا تسليم نه ٿيڻ جي صورت ۾ 30 آڪٽوبر تي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ ڪيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر پريس ڪلب چوڪ تي پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ليوي ٽيڪس ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف جاري احتجاجي ڌرڻي کي خطاب ڪندي ڪيو. زبير حفيظ چيو ته جماعت اسلامي پاڪستان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ۽ عوام تي لاڳو ڪيل ڳرن ٽيڪسن خلاف مسلسل آواز اٿاريندي رهي آهي. ان سلسلي ۾ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا ڏنا ويا. جڏهن ته سکر پريس ڪلب جي سامهون پڻ لڳ ڀڳ 50 ڏينهن تائين احتجاجي ڌرڻو جاري رهيو. هن چيو ته امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان حڪومت کي مسئلن جي حل لاءِ وقت ڏنو. ڳالهيون ڪيون ويون ۽ حڪومت پاران عوام کي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ مناسب رليف ڏيڻ جون خاطريون پڻ ڪرايون ويون. پر انهن خاطرين تي عمل نه ڪيو ويو. انهيءَ ڪري جماعت اسلامي پنهنجي احتجاجي تحريڪ جي ٽئين مرحلي جي اعلان ڪندي 30 آڪٽوبر تي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جي سڏ ڏنو آهي. زبير حفيظ چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ۽ انهن تي لاڳو ڪيل ليوي جا اثر سڌيءَ ريت عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي پئجي رهيا آهن. ڪاڏي پيٽي جي شين سميت روزمرهه جي استعمال وارين ضروري شين جون قيمتون مسلسل وڌي رهيون آهن. مانيءَ جي قيمت 30 رپين تائين پهچي وئي آهي، جڏهن ته ڀاڄين جون قيمتون پڻ عام شهريءَ جي خريد ڪرڻ جي سگهه کان ٻاهر ٿينديون پيون وڃن. مهانگائي سبب غريب ۽ وچولي طبقي لاءِ گهر جو چلهه ٻارڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. امير جماعت اسلامي ضلع سکر الزام لڳايو ته حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران تيل جي شعبي سان لاڳاپيل منافعي خور عنصرن جي سرپرستي ڪري رهي آهي. هن دعويٰ ڪئي ته پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج بابت تازي رپورٽ ۾ پيٽروليم ڪمپنين جي منافعي ۾ غيرمعمولي واڌ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. سندس چوڻ هو ته هڪ طرف عوام مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻيل آهي، ته ٻئي طرف لاڳاپيل شعبن ۾ وڏا منافعا ڪمايا پيا وڃن. ان موقعي تي جماعت اسلامي سکر جي نائب امير احسان حفيظ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي سڄي ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن ۽ انهن تي لاڳو ڪيل ليوي ٽيڪس خلاف عوامي احتجاج جاري آهي. جيڪو هاڻي ٽئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. سکر پريس ڪلب چوڪ تي پڻ شهرين جا مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ حڪومت تائين عوام جو آواز پهچائڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي. احسان حفيظ چيو ته پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ليوي ۽ قيمتن ۾ واڌ سبب مهانگائيءَ جو طوفان وڌيڪ شدت اختيار ڪري رهيو آهي. اٽو، ماني ۽ زندگيءَ جون ٻيون بنيادي ضرورتون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ٿينديون پيون وڃن. جڏهن ته غريب خاندانن لاءِ پنهنجا گهريلو خرچ پورا ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. حڪومت کي گهرجي ته عوام جي مشڪلاتن جو فوري نوٽيس وٺي، پيٽروليم ليوي ختم ڪري ۽ ضروري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي. هن وڌيڪ چيو ته حافظ نعيم الرحمان جي قيادت ۾ حڪومت سان ڳالهين جو سلسلو جاري آهي، پر انهن ڳالهين کي نتيجي خيز بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته حڪومت عملي قدم کڻي ۽ پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ليوي ختم ڪرڻ سميت عوام کي فوري رليف فراهم ڪري. جماعت اسلامي جي اڳواڻن واضح ڪيو ته مهانگائي ۽ عوام تي وڌندڙ اضافي مالي بار خلاف جماعت اسلامي جي تحريڪ جاري رهندي ۽ مطالبن جي منظوري تائين عوامي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 20

ڪئي وئي تفصيل يونين ڪونسل مراد ميمڻ جي علائقي هاشم خاصخيلي ڳوٺ ۽ چنا محلي سان تعلق رکڻ وارو شهزاد علي ولد بابو انتقال ڪري ويو آهي مرحوم، شيراز جو ڀاءُ ۽ نامور صحافي مير موسيٰ چنا جو ڀاڻيجو هو مرحوم شهزاد علي جي جنازي نماز هاشم خاصخيلي ڳوٺ جي لاهوتي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي واسين سان گڏ سياسي ۽ سماجي حلقن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ ناميارين سياسي ۽ سماجي شخصيتن جهڙوڪ يعقوب خاصخيلي سميت شهر جي معززين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سوڳوار خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪيو جنازي ۾ شرڪت ڪندڙن مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا ڪئي ۽ وارثن سان ڏک ۽ همدردي جو اظهار ڪندي الله تعاليٰ کان مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجن لاءِ دعا ڪئي

بقايا عوامي سوچ 21

مقرر ڪرڻ بابت شهرين جي شڪايتن تي قدم کڻڻ جي خاطري. شهرين پاران کليل ڪچهري جي واکاڻ. ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران شهرين جا مسئلا سندن در تي ٻڌڻ. پوليس ۽ عوام وچ ۾ رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ شڪايتن جو فوري ازالو ڪرڻ لاءِ ضلعي بدين ۾ هفتيوار کليل ڪچهريءَ جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي ۾ اڄ ڪڍڻ شهر ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون. کليل ڪچهري دوران شهرين آئس ۽ ديسي شراب سميت ٻين منشيات جي روڪٿام، چوري ۽ قتل جي ڪيسن ۾ ميرٽ تي جاچ، شهر ۾ حد دخلين جي مسئلن. ٽريفڪ پوليس جي مقرري ۽ ٽاٽي ڪيڻ تي اضافي پوليس نفري فراهم ڪرڻ سميت مختلف مسئلن بابت ايس ايس پي بدين کي آگاهه ڪيو ۽ پنهنجون تجويزون پيش ڪيون. ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي شهرين جون شڪايتون ۽ مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي انهن جي فوري ازالي ۽ قانون موجب ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي ايس ايس پي بدين چيو ته پوليس جي پهرين ترجيح عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، ڏوهن جي روڪٿام ۽ شهرين کي بروقت انصاف فراهم ڪرڻ آهي. اسان جي ڪوشش آهي ته ضلعي بدين کي آئس جهڙي خطرناڪ منشيات کان پاڪ ڪيو وڃي، جڏهن ته ٻين منشيات خلاف به ڪارروايون جاري آهن. منشيات فروشن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته ڪڍڻ شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ ۽ شهرين کي پيش ايندڙ مشڪلاتن جي حل لاءِ ٽريفڪ پوليس جا اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. جڏهن ته ٽاٽي ڪيڻ تي اضافي پوليس نفري فراهم ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا ويندا. شهر مان حد دخلين جي خاتمي لاءِ ضلعي انتظاميا جي سهڪار سان ضروري ڪارروائي ڪئي ويندي. ايس ايس پي بدين واضح ڪيو ته کليل ڪچهرين جو بنيادي مقصد عوام جا مسئلا سڌيءَ ريت ٻڌڻ. پوليس بابت شڪايتن جو فوري ازالو ڪرڻ. شفاف ۽ ميرٽ تي جاچ کي يقيني بڻائڻ ۽ پوليس توڙي عوام وچ ۾ اعتماد ۽ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي. هن شهرين کي يقين ڏياريو ته سندن جائز شڪايتن تي قانون ۽ ميرٽ موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. کليل ڪچهريءَ ۾ شريڪ شهرين ايس ايس پي بدين پاران عوامي مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪرڻ واري قدم کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته پيش ڪيل مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. کليل ڪچهريءَ ۾ ڊي ايس پي بدين شڪيل احمد سولنگي، ايس ايڇ او ٽاٽي ڪيڻ انسپيڪٽر غلام حيدر پنهور، انچارج ڊي آءِ بي انسپيڪٽر محمد خان سومرو، انچارج سي آءِ اي انسپيڪٽر علن خان عباسي، انسپيڪٽر عاشق علي، چيئرمين ٽائون ڪڍڻ صدام حسين جمالي، پريس ڪلب ڪڍڻ جا صحافي ۽ ڪڍڻ توڙي ڀرپاسي جي علائقن جا رهواسي شريڪ ٿيا.

بقايا عوامي سوچ 22

پيپامڻ ڪٽڪ خريد ڪندڙ هن وقت 7000هزار روپيا مڻ اٽو وڪڻي رهيا آهن پر ڪير پڇڻ وارو نه آهي. رهنماو ملي - حڪمران تيل جي وڌندڙ قيمتن تي چون ٿا عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون وڌندڙ آهن پر جتي جنگ آهي اتي به تيل جون قيمتون نارمل آهن پلاءِ تيل جي قيمت وفاق جي حوالي آهي پر اٽو 7000روپيا مڻ وڪرو ڪندڙ ڪير آهن اٽي جو اگهه ته وفاق جي حوالي نه آهي - ملي - چونڊيل نمائندا به خاموش آهن مڊل ڪلاس غريب مزدور طبقو پريشان آهي 2وقت جي ماني لاءِ هٽرادو مهنگاي ڪري عوام کي پنڻ جهڙو ڪيو ويو آهي - جماعت اسلامي -

بقايا عوامي سوچ 23

ڪنٽرول مان نڪرڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار مرد ۽ عورت سخت زخمي ٿي پيا حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو آهي ڪار سوار سهيل آرائين ۽ سندس زال وردا آرائين گلستان جوهر ڪراچي جا رهواسي ٻڌايا وڃن پيا جيڪي ڪراچي کان عمرڪوٽ وڃي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو آهي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي سول اسپتال ٽنڊو الهيار منتقل ڪيو جتان ابتدائي طبي امداد ڏيڻ ڪانپوءِ عورت کي حالت گنڀيرءِ جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 24

ان سميت صحافين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، انهي موقعي اڳواڻن چيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ڪوارٽر بجيت ڪروڙين روپيا هجڻ باوجود اسپتال ۾ صحت جون سهولتون ناهن علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي دربدر ڪيو وڃي ٿو ڪروڙين روپين جي بجيت رکندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ريفر سينٽر بڻجي چڪي آهي جڏهن ته ڪتي ڪاٽڻ جي درست ويڪسين نه لڳڻ سبب تازو به ماڻهو حياتي وڃائي ويٺا آهن هنن چيو ته شهرين کي بهتر علاج نه ملڻ ڪري پرائيوٽ اسپتال توڙي ٻين شهرن ۾ وڃڻو پئي ٿو جڏهن ته اسپتال ۾ صفائي سترائي نه هجڻ سميت پيئڻ جو صاف پاڻي به مهيا نٿو ڪيو وڃي ٽي بي ۽ هيپاٽائيٽس جا مريض ڊوز وٺڻ لاءِ رولڙي جو شڪار بڻيل آهن پر ڪير پڇڻ وارو ناهي ان موقعي تي ڪتي ڏاڙهڻ سبب فوت ٿيندڙ ماڻهن جي وارثن ڌانهيندي چيو ته اسپتال ۾ وقت سر ۽ بهتر علاج ملي ها ته اسان جا ماڻهون فوت نه ٿين ها ڊي ايڇ ڪيو ۾ ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين مريض تي ڪو اثر نٿي ڪري مريض وينٽر خراب ڪنڊيشن طرف هليو ٿو وڃي جيڪو به مريض وڃي ٿو انهي کي ساگيون دوائون ڏئي روانو ڪيو ٿو وڃي هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ٿيندڙ ڪروڙين روپيا ڪرپشن ۽ بي ضابطگين جو نوٽيس وٺي ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري عوام کي بهتر علاج مهيا ڪري انصاف ڪيو وڃي ان موقعي تي ايڊووڪيٽ سيد معشوق علي شاهه . ايڊووڪيٽ محمد حڪيم مستوئي . ايڊووڪيٽ عبداللطيف ٽيبو . ايڊووڪيٽ محمد سڪندر داڻوڊپوٽو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 25

عبدالحميد پنهور پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي سينيئر نائب صدر ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور ضامن هائوس گهوڙاباري پهچي ضلعي ٺٽي سميت پي ايس 76 ميرپور ساڪرو جي عوام سان ملاقاتون ڪيون. سندن مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل معاملن تي ڌيان ڏيڻ جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي عبدالحميد پنهور مختلف برادرين وچ ۾ هلندڙ تڪرارن جا فيصلا پڻ ڪرايا. جن ۾ سميجا ۽ شيخ برادري، ڪڙمان ۽ مرغل برادري، خاصخيلي ۽ لالاڻي برادري، جڏهن ته جانيارا برادري جا پاڻ ۾ هلندڙ تڪرار شامل هئا. انهن فيصلن ذريعي ڌرين ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۽ باهمي اختلاف ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان موقعي تي چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور پنهنجي موقف ۾ چيو ته عوام جي خدمت، سندن مسئلن جو حل ۽ برادرين وچ ۾ اتحاد ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. اسان چاهيون ٿا ته ماڻهن جا باهمي اختلاف ڳالهين ٻولهين، افهام ۽ تفهيم ۽ اتفاق راءِ سان حل ٿين. جيئن علائقي ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچاري واري فضا قائم رهي. عوام کي سندن مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. جنهن لاءِ عوام وچ ۾ موجود رهي سندن ڏکيائين کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين. هن وڌيڪ چيو ته عوام سان رابطي جو بنيادي مقصد سندن مسئلا ٻڌڻ، جائز مطالبن تي ڌيان ڏيڻ ۽ علائقي ۾ امن امان، سماجي هم آهنگي ۽ ترقي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ آهي. ان موقعي تي محمد رمضان پنهور، غلام نبي شيخ، پير سڪندر شاهه، رئيس سڪندر لاشاري، رئيس شير خان چانڊيو، محب پيروزاڻي، اعجاز لاشاري، ذاڪر حسين ڪڙمون، اسماعيل گلڙي بلوچ، فتح مرغل سميت مختلف برادرين جا چڱا مڙس، معزز ۽ ٻيون شخصيتون موجود هيون

بقايا عوامي سوچ 26

۾ هنڌ هنڌ بيٺل گندي پاڻي سبب مڇرن جي افزائش ۾ اضافو ٿيڻ ڪري مليريا پکڙجڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ گندي پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي سترائي جا انتظام بهتر نه هجڻ سبب عوام کي صحت جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مڇرن جي وڌندڙ آزار سبب شهرين ۾ مليريا جي پکڙجڻ بابت ڳڻتي وڌي وئي آهي. شهرين ڊپٽي ڪمشنر جامشورو ۽ سنڌ جي وڏي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شهر ۽ ضلعي جي مختلف علائقن ۾ صفائي سترائي جي بهتر انتظام، بيٺل گندي پاڻي جي نيڪال ۽ مڇر مار اسپري جي مهم شروع ڪرائي وڃي. جيئن مليريا جي پکڙجڻ کي روڪي سگهجي ۽ شهرين کي موذي مرض کان بچائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 27

د بينظيرآباد جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ مختلف کاتن ۾ ڀرتين جي اڳيرائي، درپيش مسئلن ۽ ڀرتين جي تازي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڪمشنر غلام قادر خان ٿالپر چيو ته آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ نوجوانن کي ميرٽ جي بنياد تي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت سنجيدگيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي. ان ڪري سمورا ڊويزنل آفيسر پنهنجي پنهنجي کاتن ۾ سنڌ جاب پورٽل ذريعي ڀرتين جي عمل کي تيز ڪن هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي کاتن ۽ ضلعن ۾ ڀرتين جي اڳيرائي بابت تفصيلي رپورٽون پيش ڪن ۽ سمورن مرحلن ۾ سنڌ حڪومت جي مقرر ڪيل قاعدن، ضابطن ۽ پاليسيءَ تي عملدرآمد يقيني بڻائين اجلاس ۾ ڀرتين جي طريقيڪار ۾ هڪجهڙائي برقرار رکڻ، انتظامي ۽ طريقيڪار سان لاڳاپيل مسئلن جي حل ڪرڻ ۽ ڀرتين جي عمل کي شفاف بڻائڻ بابت پڻ غور ويچار ڪيو ويو. ڪمشنر سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ڀرتين جي تازي صورتحال کان باخبر رهن ۽ گهربل معلومات بروقت فراهم ڪن هن ڀرتين سان لاڳاپيل سمورن معاملن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪرڻ ۽ لاڳاپيل کاتن وچ ۾ اثرائتو رابطو برقرار رکڻ تي زور ڏنو. ته جيئن سنڌ جاب پورٽل ذريعي ڀرتين جو عمل سرڪاري قاعدن ۽ ضابطن موجب اڳتي وڌائي سگهجي. اجلاس دوران ڊويزن جي مختلف کاتن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن ۾ سنڌ جاب پورٽل ذريعي ڀرتين جي عمل، اڳيرائي، درپيش مسئلن ۽ تازي صورتحال بابت تفصيلي آگاهي ڏني. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو ۽ فوڪل پرسن سيد عمار حسين، ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن شهيد بينظيرآباد طارق علي سولنگي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر صدام حسين ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز مستقيم قريشي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ مولا داد دراني، ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز لالا رخ بلوچ، ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن سيڪنڊري نصير احمد جوڳي، ڊائريڪٽر ايجوڪيشن پرائمري رياض احمد اڄڻ، ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ جمشيد احمد، ريجنل ڊائريڪٽر پاپوليشن الله بچايو سولنگي، انفارميشن آفيسر اعجاز علي ٽيوٽو سميت صحت، پاپوليشن، آبپاشي، ايڪسائيز ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 28

ڏهن حڪمرانن کان حڪومت نٿي هلي ته اقتدار اسان کي ڏنو وڃي، اسان حڪومت هلائي ڏيکاريندا سين. هن چيو ته پيپلزپارٽي لٺ ۽ بندوق جي زور تي ووٽ نٿي وٺي، عوام پاڻ ئي ووٽ ڏئي ٿي، تنهنڪري عوام کي موجوده سياسي ۽ ملڪي حالتن جي نظر ۾ رکندي سوچڻ گهرجي ته هنن کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙو فيصلو ڪرڻ گهرجي. اڏيرولال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ملڪ هن وقت انتهائي خراب حالتن مان گذري رهيو آهي، پر حڪمران اهڙي صورتحال ۾ به نون صوبن جي قيام جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. هن نون صوبن جي قيام جي مخالفت ڪندي چيو ته اسان ان عمل خلاف تحريڪ هلائي رهيا آهيون. جنهن ۾ رڳو سنڌ نه پر سموري پاڪستان جا ماڻهو شامل آهن ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته نون صوبن جي قيام خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ سنڌي، بلوچ، سرائيڪي ۽ پختون سميت مختلف قومن جا ماڻهو گڏ آهن. هن چيو ته مختلف قومن جي ماڻهن کي گڏ ڪري هلڻ ۽ نون صوبن جي قيام واري معاملي تي پنهنجي گڏيل موقف جو اظهار ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي پئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته 28 ۽ 29 تاريخ تي ڪراچي ۾ وڏو جلسو ڪيو ويندو. جنهن ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي. سندس چوڻ هو ته جلسي ذريعي نون صوبن جي قيام خلاف پنهنجو موقف پيش ڪيو ويندو ۽ تحريڪ کي اڳتي وڌايو ويندو ڊاڪٽر قادر مگسي جي بيان ۾ حڪومتي ڪارڪردگي، پيپلزپارٽي جي ووٽ حاصل ڪرڻ واري طريقي ۽ نون صوبن جي قيام واري معاملي تي سخت تنقيد سامهون آئي. هن عوام تي زور ڏنو ته موجوده حالتن بابت سوچ ويچار ڪري پنهنجو فيصلو پاڻ ڪن.

بقايا عوامي سوچ 29

س جي دربار هال ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ضلعو قمبر شهدادڪوٽ پاران سنڌ ۾ شموليتي فنانس تحت شناختي ڪارڊ/ووٽر رجسٽريشن (INVR_V) پائلٽ پروجيڪٽ شروع ڪرڻ لاءِ اسٽيڪ هولڊرز سان گڏجاڻي منعقد ڪئي. اجلاس جو مقصد انتخاباتي فهرستن ۾ صنفي فرق گهٽائڻ آهي، جنهن لاءِ اهڙين اهل عورتن جي سڃاڻپ متحرڪ ڪرڻ ۽ رجسٽريشن ۾ سهولت ڏني ويندي جيڪي اڃا تائين رجسٽر ٿيل نه آهن جنهن ۾ خاص ڪري پوئتي پيل علائقن شامل آهن. اليڪشن ڪميشن جي عملدارن اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هي ضلعو پائلٽ طور چونڊيو ويو آهي ته جيئن ڪميونٽي تي ٻڌل ۽ گڏيل ماڊل تيار ڪري ٻين ضلعن ۾ لاڳو ڪري سگهجي. جڏهن ته انتخابي فهرستن مطابق قمبر شهدادڪوٽ ۾ 889,778 ووٽر رجسٽرڊ آهن جن مان 481,141 مرد ۽ 408,637 عورتون آهن. اهڙي طرح صنفي فرق 72,504 يعني 8.15 سيڪڙو آهي. سڀ کان وڌيڪ تعلقي قمبر ۾ 24,928 يعني 9.49 سيڪڙو، ۽ سڀ کان گهٽ تعلقي سجاول جوڻيجو ۾ 6.32 سيڪڙو آهي. عورتن جي رجسٽريشن ۾ رڪاوٽن تي بحث دوران دستاويزن جو نه هجڻ نادرا رجسٽريشن سينٽرن تائين محدود رسائي، رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت گهٽ آگاهي، عورتن جي اچ وڃ تي پابنديون، سماجي ۽ ثقافتي رڪاوٽون فاصلا ۽ ٽرانسپورٽ جا مسئلا ۽ ووٽ جي منتقلي بابت مونجهارا شامل آهن هن منصوبي ۾ ECP، نادرا ضلعي انتظاميا پوليس تعليم، صحت، سماجي ڀلائي جي گهر گهر وڃي مدد ڪندا. پوليس قيام انصاف ۽ رجسٽريشن ٽيمن جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائيندي، جڏهن ته BISP ۾ موجود عورتن کي رجسٽر ڪرڻ تي به ڪم ڪيو ويندو تعليم ۽ صحت جا ادارا به پنهنجي دستاويزن ۽ سهولتن کي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. ووٽ جي اهميت ۽ آئيني حق جي حوالي سان، الڪشن ايڪٽ 2017 جي سيڪشن 47 تحت ECP لاءِ لازم آهي ته هر سال ضلعي سطح تي صنفي فرق جو جائزو وٺي ۽ ان کي خاص قدم کڻي گهٽائي. جيڪڏهن ڪنهن بلاڪ ۾ صنفي فرق 10 سيڪڙو کان وڌيڪ فرق گهٽائڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن ته عورتن جي شناختي ڪارڊ ٺاهڻ ۽ ووٽ رجسٽر ڪرائڻ لاءِ به خاص مهم هلائي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ ڪامران حسين مشتاق ڳالهائيندي چيو ته هي قومي ڪاز آهي ۽ ان جي ڪاميابي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا ۽ ان لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ويندي ته اهي به پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري هن قومي ڪاز کي ڪامياب بڻائڻ ۽ رجسٽرڊ نه ٿيل عورتن ۽ مردن کي رجسٽرڊ ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ذوهيب ضمير اوڏاڻو، تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، رينجرز پوليس، نادرا ميونسپل ۽ ٽائون ڪميٽي جي عملدارن ۽ ٻين واسطيدارن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 30

سڪول پڙهائيندڙ ماستر عبدالرشيد دل طرفان غريب پورهيت سان بار بار ناجائزي ڪرڻ تي علائقي واسين ۾ شديد غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو پيو وڃي ۽ اعلي اختيارين خصوصاً ايس ايس پي ميرپورخاص صاحب کان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته مهرباني ڪري اهڙن ڪردارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي پاڙي توڙي وٽن لاءِ ناسور بڻيل آهن پاڙو نبين کي به پيارو هوندو آهي پر اسان جي پاڙي جي لکيل پڙهيل ماڻهن جا اهڙا ڪڌا ڪم ڏسي انسانيت شرمائي رهي آهي جنهن تي صرف افسوس ئي ڪري سگهجي ٿي وڌيڪ ٻڌو ماما صيفل مري صاحب جي زباني هڪ غريب پورهيت جي درد ڀري ڪهاڻي

بقايا عوامي سوچ 31

نگي، ظهير سومرو، بشارت سومرو، شبير اڄڻ، نصير ابڙو ۽ ٻين سان ڳالهائيندي ڊي سي نوشهروفيروز ارسلان سليم چيو ته شهرن جي ترجماني ۽ مسئلن جي نشاندهي صحافي ڪندا آهن جن جي رپورٽن تي اسان ايڪشن وٺندا آهيون هن چيو ته غريب عوام لاءِ پريس ڪلب بهترين مورچا ثابت ٿيا آهن ۽ صحافين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پڻ سنڌ حڪومت ۽ انفارميشن کاتي کي آگاهي ڏيندا رهندا آهيون هن چيو ته ناروشاهه ۾ تعمير ٿيندڙ پريس ڪلب جي بلڊنگ لاءِ جلد سنڌ حڪومت کان فنڊ وٺي تعميراتي ڪم جلد مڪمل ڪرايو ويندو ان موقعي تي ساڻس گڏ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز، ايڊمنسٽيٽر منور جمالي، فرحان ميمڻ، مختيارڪار پريا شفيق سومرو عزيز انصاري ۽ ٻيا گڏ هئا.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي

مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين خالي پيل جاين بابت تفصيلي جائزي واري گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پاران خالي جاين، ڀرتين جي صورتحال ۽ رهيل جاين بابت بريفنگ ڏني وئي

سنڌ حڪومت پاران نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ سرڪاري ڀرتين جي عمل کي وڌيڪ آسان شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل بڻائڻ لاءِ سنڌ جاب پورٽل متعارف ڪرايو ويو آهي

بدين (رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ ضلعي جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين خالي پيل جاين بابت تفصيلي جائزي واري گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ لاڳاپيل کاتن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

شاعر سرويچ سجاوليءَ جي 19هين ورسي اڄ سرويچ نگر سجاول ۾ ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران ملهائي

سجاول (رپورٽ :امتياز ميمڻ)سنڌ جي قومي، عوامي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاوليءَ جي 19هين ورسي اڄ سرويچ نگر سجاول ۾ ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران ملهائي پئي وڃي، جتي ادبي ميڙاڪو ٿيو آهي. تقريب ۾ ناميارن اديبن، شاعرن، سياسي سماجي شخصيتن ۽ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. ورسي تقريب ۾ تاج جويو، ايم پي اي ريحانه لغاري، ايم پي اي هير سوهو، اڳوڻو ايم اين اي ڊاڪٽر عبدالوا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

105 موري، مراداڻي، شورڪي کان ميرپور ساڪرو/گهوڙاٻاري روڊ تي ساڪرو ٻئراج متان اڏيل پل زبون حالي جو شڪار

پل زبون حالي جو شڪار بڻجي ٽٽڻ ٽوڙي ان ۾ گڏريل هڪ مهيني کان وڏا ڏار ڪڏا پئجڻ ڪري روڊ بند ٿيڻ ڪري آسپاس جا ڳوٺاڻا شهرن کان رستي جي سهوليت کان ڪٽجڻ ڪري سخت پريشان ٿي ويا

جيڪي وڏا، وڏا ڦيرا ڪري ميرپور ساڪرو شهر سميت ٻين ننڍن وڏن شهرن توڙي ڳوٺن تائين پهچن ٿا

جنهن ڪري کين سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن، پر اڃان تائين ضلعي انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندن ڪو به تحرڪ ناهي ورتو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) 105 موري، مراداڻي، شورڪي کان ميرپور ساڪرو/گهوڙاٻاري روڊ تي ساڪرو ٻئراج متان اڏيل پل زبون حالي جو شڪار بڻجي ٽٽڻ ٽوڙي ان ۾ گڏريل هڪ مهيني کان وڏا ڏار ڪڏا پئجڻ ڪري روڊ بند ٿيڻ ڪري آسپاس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

جهمپير شهر جي رهواسي ممتاز ٻارچ جي ٻائٽيءَ کي نانگ ڏنگي وڌو

جنهن کي فورن سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو

ڏنگ جي زهر کي ختم ڪرڻ واري ويڪسين نه ملڻ ڪري جهمپير واسي ممتاز ٻارچ جي ٻائٽي اسپتال ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي

ٺٽو(روورٽ واحدشورو) جهمپير شهر جي رهواسي ممتاز ٻارچ جي ٻائٽيءَ کي نانگ ڏنگي وڌو، جنهن کي فورن سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو. جت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڪينجهر ڍنڍ ۾ جهمپير لڳ گهنڊڙي مياڻ وٽان پکين کي ڦاسائڻ وارن غيرقانوني لڳايل ڄارن خلاف آپريشن جاري

آپريشن جاري ڪندي وڏي تعداد ۾ رڇ هٽ ڪري انهن کي ان موقعي تي ئي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو

مهمان پکين جي نسل ڪشي توڙي غير قانوني شڪار ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي : سيد علي شاهه

هن عمل ۾ جيڪو به ڏوهيوان خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، ان ڪري شڪارين کي گهرجي ته مهمان پکين جي شڪار ڪرڻ کان پاسو ڪري

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)وائلڊ لائيف کاتي ضلعي ٺٽي جي گيم انسپيڪٽر سيد علي شاهه ڊپٽي ڪنزرويٽر وائيلڊ لائيف حيدرآباد ڊويزن واجد علي شيخ جي حڪم تي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪينجهر ڍنڍ ۾ جهمپير لڳ گهنڊڙي مياڻ وٽان پکين ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڊيوٽي دوران لاڏاڻو ڪري ويل پوليو ورڪر جي بيواهه کي سنڌ حڪومت پاران معاوضي جو چيڪ پيش

لاڏاڻو ڪري ويل پوليو ورڪر عبدالقيوم درس جي گهر پهچي سنڌس بيواهه شهناز درس سان ملاقات ڪئي ۽ سنڌ حڪومت پاران معاوضي جو چيڪ سنڌس حوالي ڪيو

ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه پوليو جهڙي خطرناڪ بيماري جي خاتمي لاءِ قومي فرض سرانجام ڏيندي پنهنجي جان قربان ڪندڙ پوليو ورڪر کي ڀيٽا پيش ڪئي

پوليو ورڪرز ٻارن کي سڄي عمر جي معذوري کان محفوظ رکڻ ۽ ملڪ مان پوليو جي خاتمي لاءِ قابلِ قدر خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ڊيوٽي دوران لاڏاڻو ڪري ويل پوليو ورڪر جي بيواهه کي سنڌ حڪومت پاران معاوضي جو چيڪ پيش ڪيو ويو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ IIوليد احمد ڏاوچ ۽ ضلعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي ممتا پروگرام تحت غيرفعال اٺن صحت مرڪزن کي 15 ڏينهن اندر فعال ڪرڻ جو فيصلو

ممتا پروگرام تحت ضلعي جي غيرفعال اٺن صحت مرڪزن کي 15 ڏينهن اندر ٻيهر فعال ڪري گهربل عملي جي ڀرتين وارو عمل مڪمل ڪيو وڃي

هن ايندڙ ضلعي رابطي واري ڪميٽي (DCC) جي اجلاس کان اڳ سمورن صحت مرڪزن جي بحالي يقيني بڻائڻ ۽ اڳڀرائي بابت رپورٽ پيش ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو

اهڙيون هدايتون هن پنهنجي آفيس ۾ ممتا پروگرام جي ضلعي رابطي واري ڪميٽيءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڏنيون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي ممتا پروگرام تحت غيرفعال اٺن صحت مرڪزن کي 15 ڏينهن اندر فعال ڪرڻ جو فيصلو_ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_ I ٺٽو عمران الحق لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي آهي ته ممتا پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز ۾ باقاعده شموليت جي اعلان ۽ واپارين جي يڪجهتي جي سلسلي ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد

تقريب جو بنيادي مقصد نمڪ بازار جي نئين چونڊيل قيادت جي آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي پليٽ فارم تي شموليت جو اعلان

واپارين جي گڏيل آواز کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ ننڍن واپارين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ متحد ۽ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ هو

تقريب ۾ نمڪ بازار جي نئين چونڊيل صدر عبيد قريشي ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالله شيخ عزم ظاهر ڪيو

سکر(بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) نمڪ بازار لياقت چوڪ ۾ ايسوسيئيشن جي بغير مقابلي نئين چونڊيل ويزن ائلائنس پينل طرفان آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز ۾ باقاعده شموليت جي اعلان ۽ واپارين جي يڪجهتي جي سلسلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ميرپور ماٿيلو رائونتي ڪڇي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو راندين جو ميلو ٻئين ڏينهن به جاري، هزارين ماڻهو پهتا

هڪ ڏينهن عورتن ۽ ٻارن لاءِ مخصوص ڪيو ويو، علائقي واسين پاران خوشي جو اظهار

جتي مختلف راندين جي مقابلن ۽ تفريحي سرگرمين ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي دلچسپي جو مظاهرو ڪيو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو رائونتي ڪڇي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو راندين جو ميلو ٻئين ڏينهن به جاري، هزارين ماڻهو پهتا، هڪ ڏينهن عورتن ۽ ٻارن لاءِ مخصوص ڪيو ويو، علائقي واسين پاران خوشي جو اظهار، خبر موجب سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ضلعي انتظاميه، سنڌ پوليس پاران منعقد ڪيل ڦهريون شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسپورٽس امن فيسٽيول/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

محڪمه روينيو ميبينا ڪرپشن جون شڪايتون هڪ ئي زمين جون ٽي فرديون جاري ٿيڻ جو انڪشاف

9 اسڪيل واري وٽ زرعي زمين لگزڙي گاڏيون ڊي ايڇ اي ۾ فليٽ جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي

مهانگيون گاڏيون موجود آهن انهن ذريعن جي آمدني ۽ اثاثن جي متعلقا ادارن ان حوالي سان جاچ ڪرائي وڃي

محرابپور (رپورٽر) محڪمه روينيو ميبينا ڪرپشن جون شڪايتون هڪ ئي زمين جون ٽي فرديون جاري ٿيڻ جو انڪشاف ذريعن موجب 9 اسڪيل واري وٽ زرعي زمين لگزڙي گاڏيون ڊي ايڇ اي ۾ فليٽ جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، تفصيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

صحافي مير موسيٰ چنا جو ڀاڻيجو شهزاد علي انتقال ڪري ويو، جنازي نماز ميمڻ ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي

مرحوم، شيراز جو ڀاءُ ۽ نامور صحافي مير موسيٰ چنا جو ڀاڻيجو هو

مرحوم شهزاد علي جي جنازي نماز هاشم خاصخيلي ڳوٺ جي لاهوتي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) يوسي مراد ميمڻ: صحافي مير موسيٰ چنا جو ڀاڻيجو شهزاد علي انتقال ڪري ويو، جنازي نماز ميمڻ ڳوٺ ۾ ادا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ظالماڻو ليوي ٽيڪس فوري ختم ڪيو وڃي، عوام کي رليف ڏنو وڃي: زبير حفيظ

جماعت اسلامي جي مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف احتجاجي تحريڪ ٽئين مرحلي ۾ داخل

30 آڪٽوبر تي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جو اعلان

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) امير جماعت اسلامي ضلع سکر زبير حفيظ چيو آهي ته پيٽروليم شين تي لاڳو ڪيل ليوي ٽيڪس عوام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ٿرپارڪر پوليس پاران گٽڪي ،شراب ۽ سفينا وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائين دوران 30 ڪيس داخل

30 ڪيس داخل ڪري 82 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

پران باوجود ضلعي جي مختلف علائقن، خاص طور مٺي شهر ۾ غيرقانوني طور مٺي گٽن تان شراب جو وڪرو

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر پوليس پاران گٽڪي ،شراب ۽ سفينا وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائين دوران 30 ڪيس داخل ڪري 82 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

زمين تي قبضي جا الزام بي بنياد آهن، 23 سال اڳ والد زمين خريد ڪئي هئي، سمورا دستاويز موجود آهن: زاهد حسين وساڻ

ڪوٽڏيجي واسي نوڪر حسين شاهه پاران مٿس زمين تي قبضي جي ڪوشش جا الزام لڳايا پيا وڃن

فقيرآباد (رپورٽر عبدالرزاق شر)زمين تي قبضي جا الزام بي بنياد آهن، 23 سال اڳ والد زمين خريد ڪئي هئي، سمورا دستاويز موجود آهن: زاهد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو مان هڪ مهينو اڳ پراسرار نموني گم ٿيل ستين ڪلاس جو شاگرد طفيل احمد گهر پهچي ويو، وارثن ۾ خوشيءَ جي لهر

والدين معصوم ٻارڙن سميت پٽ جي بازيابيءَ لاءِ احتجاج ڪيو هو

وارثن موجب طفيل احمد گهمڻ لاءِ ڪراچي ويل هو، پوليس پاران واقعي جي جاچ جاري

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي قائم ننگر ڪالوني مان هڪ مهينو اڳ پراسرار نموني گم ٿيل ستين ڪلاس جو شاگرد طفيل احمد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

يونين ڪائونسل ۾ سروي ڪندڙ ٻنهي شخص شيول ۽ ڪشور خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

ڪلوئي يونين ڪائونسل ۾ BISP سروي جي نالي تي غريب عورتن جون ڏانهون وڌي ويون آهن

متاثر عورتن جي وارثن يونين ڪائونسل ۾ مقرر سروي ڪندڙ ٻنهي شخص شيول ۽ ڪشور خلاف فوري قانوني ڪارروائي جو مطالبو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڪلوئي عورتن جون ڏانهون، يونين ڪائونسل ۾ سروي ڪندڙ ٻنهي شخص شيول ۽ ڪشور خلاف قانوني ڪارروائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

12 هون انٽرنيشنل مارشل اينڊ سيفٽي سمپوزيم ڪراچي ۾ منعقد ٿيو

جنهن ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو کاتو سنڌ محمد اقبال ميمڻ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

سمپوزيم جي صدارت ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ڪئي

سکر(بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) 12 هون انٽرنيشنل مارشل اينڊ سيفٽي سمپوزيم ڪراچي ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ ايڊيشنل چيف سي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو ۾ عوامي فورم جي سڏ تي هڙتادو مهانگائي، اٽي جي بحران

بنيادي شين جي قيمتن ۾ حد کان وڌيڪ واڌ خلاف احتجاج

سستو اٽو ۽ بنيادي خوراڪ جون شيون سستي اگهن تي فراهم ڪري عوام کي فوري طور رليف ڏنو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه)دادو ۾ عوامي فورم جي سڏ تي هڙتادو مهانگائي، اٽي جي بحران ۽ بنيادي شين جي قيمتن ۾ حد کان وڌيڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

دادو بلاول ٽول پلازا لڳ ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا زخمي

4 ڄڻا سردار ولد ياسين جتوئي، سالار ولد جنسار جتوئي، معصوم شاهده جتوئي ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا

سمورن زخمين کي ترت علاج لاءِ اولڊ سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو آهي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو لاڙڪاڻو روڊ تي شهيد مخدوم بلاول ٽول پلازا لڳ ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ ئي گو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

انساني الميو گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا نوجوان پائر تڙپي تڙپي فوت

غريب عوام جي خدمت جون وڏيون دعوائون ڪندڙ فلاحي تنظيمن جي اڳواڻن جون دعوائون ڊوڙ

سنڌس علاج جي سگهه نه هجڻ ڪري گهر ۾ ئي بغير علاج جي تڙپي تڙپي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر)ميرپور ماٿيلو يارولنڊ لڳ پير پڪڙوئي لعل جي ريگستاني علائقي ۾ انساني الميو گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا نوجوا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي ڪيڏڻ ۾ کليل ڪچهري، شهرين جا مسئلا ٻڌي فوري حل لاءِ هدايتون جاري

منشيات جي خاتمي، ٽريفڪ جي رواني، حد دخلين جي خاتمي ۽ ٿاڻي تي اضافي پوليس نفري مقرر ڪرڻ بابت شهرين جي شڪايتن تي قدم کڻڻ جي خاطري

پوليس ۽ عوام وچ ۾ رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ شڪايتن جو فوري ازالو ڪرڻ لاءِ ضلعي بدين ۾ هفتيوار کليل ڪچهرين جو سلسلو جاري

اڄ ڪيڏڻ شهر ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون

بدين (رجب راهمون)ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي ڪيڏڻ ۾ کليل ڪچهري، شهرين جا مسئلا ٻڌي فوري حل لاءِ هدايتون جاري منشيات جي خاتمي، ٽريفڪ جي رواني، حد دخلين جي خاتمي ۽ ٿاڻي تي اضافي پوليس نفري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

اٽي جي هڙتادو اگهه مقرر ڪرڻ سميت روز مره جي هر شي جي اگهن ۾ اضافي خلاف جماعت اسلامي جو احتجاجي مظاهرو

مٺي-ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال آهي 2هزار روپيا مڻ ڪڻڪ خريد ڪندڙ هن وقت 7000 هزار روپيا مڻ اٽو وڪڻي رهيا آهن

ڪير پڇڻ وارو نه آهي-رهنماو مٺي-حڪمران تيل جي وڌندڙ قيمتن تي چون ٿا عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون وڌنڊڙ آهن

جتي جنگ آهي اتي به تيل جون قيمتون نارمل آهن پلاءِ تيل جي قيمت وفاق جي حوالي آهي پر اٽو 7000 روپيا مڻ وڪرو ڪندڙ ڪير آهن اٽي جو اگهه ته وفاق جي حوالي نه آهي

مٺي (ڀر محمدرحيم مگريو)- ٿر ۾ مهنگايي تيل جي قيمتن م اضافو اٽي جي هڙتادو اگهه مقرر ڪرڻ سميت روز مره جي هر شي جي اگهن ۾ اضافي خلاف جماعت اسلامي جو احتجاجي مظاهرو- مٺي- ٿر ۾ ڏڪار واري صورتحال آهي 2هزار رو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ٽنڊوالهيار ۾ ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب ٻه ڄڻا زخمي

تيز رفتار ڪرولا ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪرڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي سول اسپتال ٽنڊوالهيار منتقل ڪيو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار بي سيڪشن ٿاڻي جي حد پيرڪائي پرسان ڪراچي کان عمرڪوٽ ويندڙ تيز رفتار ڪرولا ڪار ڊرائيور جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽنڊوالهيار ۾ سٽيزن ليگل ايڪشن فورم پاران صحت جي حوالي سان آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

شهر جي مقامي هال ۾ ڪوٺايل ڪانفرس ۾ پ پ، ايم ڪيوايم، جماعت اسلامي، جي يو آئي، ايم ڪيوايم پاڪستان سميت صحافين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت

دي ايڇ ڪيو اسپتال جي ڪواٽر بجيٽ ڪروڙين روپيا هجڻ باوجود اسپتال ۾ صحت جون سهولتون ناهن

علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي دربدر ڪيو وڃي ٿو ڪروڙين روپين جي بجيٽ رکندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ريفر سينٽر بڻجي چڪي آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۾ سٽيزن ليگل ايڪشن فورم پاران صحت جي حوالي سان آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي شهر جي مقامي هال ۾ ڪوٺايل ڪانفرس ۾ پ پ، ايم ڪيو ايم ، جماعت اسلامي، جي يو آئي، ايم ڪيو ايم پاڪست/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ضامن هائوس گهوڙاٻاري ۾ عبدالحميد پنهور جون عوام سان ملاقاتون، مختلف برادرين جا تڪرار نبيريا ويا

عوامي مسئلن جو حل، برادرين ۾ اتحاد ۽ ڀائيچاري جو فروغ اسان جي اولين ترجيح آهي: عبدالحميد پنهور

عبدالحميد پنهور ضامن هائوس گهوڙاٻاري پهچي ضلعي ٺٽي سميت پي ايس 76 ميرپور ساڪرو جي عوام سان ملاقاتون

سندن مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل معاملن تي ڌيان ڏيڻ جي خاطري ڪرائي

غلام الله(رپورٽ بابو جان هنگورجو) ضامن هائوس گهوڙاٻاري ۾ عبدالحميد پنهور جون عوام سان ملاقاتون، مختلف برادرين جا تڪرار نبيريا ويا عوامي مسئلن جو حل، برادرين ۾ اتحاد ۽ ڀائيچاري جو فروغ اسان جي اولين ترجيح آهي: /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڄامشورو ٽائون ۾ گندگي جو آزار صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام

ٽائون چيئرمين ٽائون آفيسر جي نااهلي ۽ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ سبب مليريا جي ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي

ڄامشورو شهر جي مختلف علائقن ۾ هنڌ هنڌ بيٺل گندي پاڻي سبب مڇرن جي افزائش ۾ اضافو ٿيڻ ڪري مليريا پکڙجڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن

شهر ۾ گندي پاڻي جي نيڪال ۽ صفائي سٿرائي جا انتظام بهتر نه هجڻ سبب عوام کي صحت جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ڄامشورو (رپورٽر)ڄامشورو ٽائون ۾ گندگي جو آزار صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام ٽائون چيئرمين ٽائون آفيسر جي نااهلي ۽ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ سبب مليريا جي ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي، جڏهن ته ڄامشورو شهر جي مختلف علائقن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڪمشنر شهيد بينظير آباد جي صدارت هيٺ اجلاس، ميرٽ ۽ سرڪاري قاعدن موجب ڀرتيون يقيني بڻائڻ تي زور

جنهن ۾ مختلف کاتن ۾ ڀرتين جي اڳڀرائي، درپيش مسئلن ۽ ڀرتين جي تازي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو

آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ نوجوانن کي ميرٽ جي بنياد تي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت سنجيدگيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي

سمورا ڊويزنل آفيسر پنهنجي پنهنجي کاتن ۾ سنڌ جاب پورٽل ذريعي ڀرتين جي عمل کي تيز ڪن هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٽالپر جي صدارت هيٺ سنڌ جاب پورٽل (SJP)ذريعي گريڊ 05 کان 15 تائين جي خالي جاين تي ڀرتين جي عمل جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس اڄ ڊپٽي ڪمشنر آفيس شهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

نوابشاهه: ڪمشنر شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

حڪمرانن کان حڪومت نٿي هلي ته اقتدار اسان کي ڏين: ڊاڪٽر قادر مگسي

اڏيرولال (رپورٽر) : سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته جيڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

قمبر ۾ اڻ رجسٽرڊ عورتن کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ مهم جي شروعات

قمبر(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ ڪامران حسين مشتاق جي صدارت ۾ سندس آفي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڳوٺ علي حسن دل ديهه 113 جي رهائش پذير پارو مل ڪولهي جي زمين تان روز جي بنياد تي بدمعاشي

ڀيرن جون ننڍڙيون ننڍڙيون چڪيون ڪيئي اجاڙڻ تي پارو مل جي همدردي لاءِ اسان جي پاڙي جي معتبر شخصيت ماما صيفل مري پهچي ڪري پنهنجا ويچار ونڊيندي

ماما صيفل مري جي ڳوٺ ۾ چار سال اسڪول پڙهائيندڙ ماستر عبدالرشيد دل طرفان غريب پورهيت سان بار بار ناجائزي ڪرڻ تي علائقي واسين ۾ شديد غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص شهر لڳ ڳوٺ علي حسن دل ديهه 113 جي رهائش پذير پارو مل ڪولهي جي زمين تان روز جي بنياد تي بدمعاشي ڪندي ڀيرن جون ننڍڙيون ننڍڙيون چڪيون ڪيئي اجاڙڻ تي پارو مل جي همدردي لاءِ اسان جي پاڙي جي معتبر شخصيت ماما صيفل مري پهچي ڪري پنهنجا ويچار ونڊيندي تفصيل موجب ماما صيفل مري جي ڳوٺ ۾ چار سال ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران پريس ڪلب ٺاروشاهه رجسٽرڊ جو دورو

شهرن جي ترجماني ۽ مسئلن جي نشاندهي صحافي ڪندا آهن جن جي رپورٽن تي اسان ايڪشن وٺندا آهيون: ارسلان سليم

پريس ڪلب جي بلڊنگ لاءِ جلد سنڌ حڪومت کان فنڊ وٺي تعميراتي ڪم جلد مڪمل ڪرايو ويندو: ڊپٽي ڪمشنر

ٺاروشاهه (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ارسلان سليم پريس ڪلب ٺاروشاهه رجسٽرڊ جو دورو ڪيو صحافين سان ملاقات صحافين جي مسئلن ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون پريس ڪلب جي صدر ڊي ايم شاهد سومرو، حافظ محمد جڙيل م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31